# اَسانجي آس پاس جي دنيا

## ڀاڱو ٢

## درجو ٽيون



Tele MANAS

National Tele Mental Health Programme

14416

# ٽيلِي - مانس هيلپ لائين

**Tele MANAS (Tele Mental Health Assistance and Networking Across States)**

**(14416/1800-89-14416)**

راشٽريه مانسڪ صحت ڪاريه ڪرم تحت ٽيلي مانس اها مرڪز پاران شروع ڪيل يوجنا مهاراشٽر راڄيه ۾ آڪٽوبر 2022 کان لاڳو ڪئي ويئي آهي. ٽيلي مانس ڪاريه ڪرم تحت هيلپ لائين نمبر 14416 ذريعي مفت 24 x 7 گڏيل ۽ سڀ شامل مانسڪ صحت شيوا ڏني ويندي آهي. ان ۾ جدا جدا مانسڪ مسئلن لاءِ ماهرن طرفان علاج ۽ ڪائونسلِنگ ڪئي ويندي آهي. ٽيلي مانس هيلپ لائين تي ٽيليفون ڪرڻ تي اسانجي ڏنل ڄاڻ پوري طرح ڳجهي رکي ويندي آهي. ان ڪري شاگرد بنا هٻڪ جي پنهنجا مسئلا ان هيلپ لائين نمبر تي فون ڪري ٻڌائن ۽ من ۾ هوندڙ سوال پڇن ۽ پنهنجي مسئلي بابت مدد وٺجي ۽ ٻين کي به مدد وٺڻ لاءِ چئجي.

## منو درپڻ

منو درپڻ (8448440632) مفت ٽيليفون سيوا جولاءِ 2020 کان تعليمي کاتي ذريعي راشٽريه شئشڻڪ سَنشوڌن ۾ پرشڪشڻ پريشد جي منو درپڻ روُم ذريعي شاگردن، مائٽن ۽ ماسترن کي منووگيانڪ سمجهاڻي ۽ مدد ڏيڻ لاءِ صبح 8 کان شام 8 تائين هفتي جا سڀ ڏينهن ميسر ڪرايل آهي. شاگرد، مائٽ ۽ ماستر ضروري رهبري ۽ ڪائونسلنگ لاءِ هن هيلپ لائين تي پڻ فون ڪري سگهن ٿا.

هي درسي ڪتاب راجيہ شئڪشڻڪ سنشوڌن ۽ پرشڪشڻ پريشد، پڻي طرفان تيار ڪيل اَڀياسڪرم ۽ پاٺيہ ڪرم اَنوسار تيار ڪيو ويو آهي. اُنهن طرفان هن درسي ڪتاب جي چڪاس ڪئي ويئي آهي. سرڪاري فيصلو نمبر : اَڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦/٤٣) ايس.ڊي.۴ تاريخ ٢٥-۴-٢٠١٦ موجب اِسٽاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽي جي تاريخ ١-۴-٢٠٢٦ جي ميٽنگ ۾ هن درسي ڪتاب کي سنہ ٢٠٢٦-٢٠٢٧ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.



# اَسانجي آس پاس جي دنيا

## ڀاڱو ٢

## درجو ٽيون



مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي - ۴١١٠٠۴

پر واري چؤڪٽ مان QR Code سمارٽ فون ذريعي اِسڪئين ڪرڻ سان توهانکي درسي ڪتاب ۽ درسي ڪتاب جي سبقن بابت ڏسجندڙ ۽ ٻڌجندڙ ساهتيہ حاصل ٿيندو.

پهريون ڇاپو : ٢٠٢٦

© مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي-٤١١٠٠٤.
مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبه ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪٿي نٿو سگهجي.

## اِتهاس سمتي

ڊا. گڻيش رائوت (اَڌيڪش)
ڊا. منجري ڀاليراو (ميمبر)
شري باپو صاحب شندي (ميمبر)
شري ويجنات ڪاڙي (ميمبر)
شري سڀاش راٺوڙ (ميمبر)
شريمتي اوشا ڪوپڙي (ميمبر)
شري وجيه ڪمار انگولي (ميمبر)
شريمتي پلوي گهرٽيڪر (ميمبر
شري رامڪمار راءِ (ميمبر)
شري ناگيش شنگٽي (ميمبر
شري روندر ڀاپڪر (ميمبر)
شري سنتوش تڙيڪر (ميمبر
شري نتين بڙي (ميمبر)
شري راجن گروڙ (ميمبر)
شري نليش پوري (ميمبر)
شري سنيل ميشرام (ميمبر)
شري هنومنت جاڌو (ميمبر)
ڪ. پراجڪتا امبيلڪر (ميمبر)
شري دتاتري چوڌري (ميمبر)
ڊا. سدانند ڊونگري (ميمبر)
شري رامداس ٺاڪر (ميمبر)
شريمتي منيشا سونوڻي (ميمبر)
ڊا. سومناٿ روڙي (نيند ڏنل)
شري موگل جاڌو (مدعو ٿيل)
شري اروڻ جاڌو (ڪو آرڊينيٽر)
شري راميشور لوٽڪي
(ڪو آرڊينيٽر)
سو ورشا سرودي
(ميمبر سيڪريٽري)

## ناگرڪ شاستر سمتي

ڊا. سنجيوت آپٽي (اَڌيڪش)
پرا. راجيندر پوئيوار (ميمبر)
شري عرفان سيد (ميمبر)
شري وڪرم اڙسول (ميمبر)
شري راجيندر ٽيڪاڙي (ميمبر)
شريمتي روهڻي گهواڻي (ميمبر)
ڊا. اَشوڪ بانگر (ميمبر)
شريمتي پارتي اوٽي (ميمبر)
شري سيامڪانت رولي (ميمبر)
شري چاند خان پٺاڻ (ميمبر)
شري ناگناٿ ويوتي (ميمبر)
شري آڪاش جهاڙي (ميمبر)
شري ونود اورادي (ميمبر)
شري شرينواس موري (ميمبر)
شريمتي سپرها اندو (ميمبر)
شري اَنيل راجگرو (ميمبر)
شري پرمود واگهموڙي (ميمبر)
ڊا. پريمل سڌاڪر (نيند ڏنل)
ڊا. وراج مهاجن (نيند ڏنل)
ڊا. اجنڪيه گائڪواڙ (نيند ڏنل)
پرا. ويٽا ڪينچي (نيند ڏنل)
شريمتي ورشاراڻي پوپڙي
(ڪو آرڊينيٽر)
شريمتي ورشا سرودي
(ميمبر سيڪريٽري)

## گايا سمتي ميمبر

ڊا. مهيشور ڪڙلاوي
شري پرشانت ديويڪر
شري موهن شيٽي
شيمتي پرتما گپتي

| | | |
|---|---|---|
| ڪَوَرپيج ۽ چترڪار | : | شري ديودت بلڪوڙي |
| ٽائيپ سيٽنگ | : | سنتام ساڪي، ميران چاولا |
| ڪاغذ | : | ٧٠ جي.ايس.ايم. ڪريم وو |
| ڇاپيندڙ | : | |
| ڇپائي آرڊر | : | |
| ترجمو ڪندڙ | : | شري وجيه منگلاڻي |
| چڪاس ڪندڙ | : | شري اَشوڪ مُڪتا |

## سميڪشڪ

ڊاڪٽر سدانند موري (معيار جاچيندڙ)
ڊاڪٽر نينا بوڪيل معيار جاچيندڙ)
ايڊووڪيٽ شريڪانت دڙوي (قانوني ماهر)
ڊاڪٽر شرمشتا اوڪ (CWSN ماهر)

## نرمتي

شريمتي مِنالي شِنڊ
(مکيه نرمتي اَڌڪاري)
شري ششانڪ ڪڻڪدڙي
(نرمتي اَڌڪاري)

## ليکڪ

شريمتي اندرايڻي چوهاڻ
ڊاڪٽر گائٽري ليلي

## پرڪاشڪ

شري هيمنت بابر
ڪنٽرولر
پاٺيه پستڪ نرمتي منڊل، پرڀاديوي، ممبئي - ٢٥

## ترتيب (سنيوجن)

شريمتي ورشا سرودي
(قائم مقام خاص آفيسر)
اِتهاس ۽ شهريت، پاٺيه پستڪ منڊل، پُڻي)


ڀارت جو سنوڌان

دیباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪ مڪمل طور خودمختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڏراجيه بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## ڀارتيه سنوڌان

### باب - چوٿون اَلف

### ٻُنيادي فرض

قلم 51A

ٻُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي ته :

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرش ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهه ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اَکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(ڀ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(پ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، ڪيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهه سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهه، جاچ جوُچ ۽ سُڌاري جي ڀاوناکي اَهميت ڏيندو.

(ث) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٺ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي ته اُهو ضرور ڏسي ته پنهنجي ٻارکي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو، جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هُجي.

# راشٹر گیت

جَن گَڻ مَن اَڌيِنايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَت ڀاڳيہ وِڌاتا
پَنجاب، سِنڌ، گُجرات، مَراٺا،
دراوڙ اُتڪَل، بَنگ،
وِنڌيہ، هِماچَل، يَمُنا، گَنگا،
اُچَڇل، جل ڌِ تَرَنگ،
تَوَ شُڀ نامي جاڳي، تَوَ شُڀ آشِيس مانڳي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَن گَڻ - مَنگَل دايَڪ جَيَہ هي
ڀارَت ڀاڳيہ وِڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي.

# پرتگِيا

’ڀارت مُنھنجو ديش آھي. سڀ ڀارتواسي منھنجا ڀائر ۽ ڀينر آھن.

مونکي پنھنجي ديش لاءِ پيار آھي ۽ مونکي اِنجي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گوُرو آھي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رھندس.

مان پنھنجن متن مائٽن، اُستادن ۽ سينيِ بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ ھرڪنھن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنھنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رھندس. انھن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ئي منھنجو سُک سمايل آھي.‘

# राज्यगीत

जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।धृ।।

भिती न आम्हा तुझी मुळी ही गडगडणाऱ्या नभा
अस्मानाच्या सुलतानीला जबाब देती जिभा
सह्याद्रीचा सिंह गर्जतो शिव शंभू राजा
दरी दरीतून नाद गुंजला महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।१।।

काळ्या छातीवरी कोरली, अभिमानाची लेणी
पोलादी मनगटे खेळती, खेळ जीवघेणी
दारिद्र्याच्या उन्हात शिजला
निढळाच्या घामाने भिजला
देश गौरवासाठी झिजला
दिल्लीचे ही तख्त राखितो, महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा ।।२।।

# پرستاونا

پيارا شاگردو،

٢١ صديءَ جي پهرين قومي تعليمي پاليسي ٢٠٢٠ع مطابق مهاراشٽر رياست پاران تيار ڪيل اَيياسڪرم موجب اِتهاس ۽ ناگرڪ شاستروشين جي سچاٽپ ڪرائيندڙ هي ڪتاب ’اَسانجي آس پاس جي دنيا ڀاڱو - ٢‘ توهان جي هٿن ۾ ڏيندي اَسان کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي. هي وشيہ توهان پهريون ڀيرو درجي ٽئين کان پڙهي رهيا آهيو . هن وشيہ جي لاڳاپي سان توهان کي پنهنجي آسي پاسي جي مختلف شين جي نئين سر سچاٽپ ٿيندي. اَسان جي ڪتنب کان هن ڪتاب جي مواد جي شروعات ٿئي ٿي مٿ مائٽ، مائٽي، اَسان جا نوان پاڙيسري ۽ اُن کان پوءِ توهان جي پياري اِسڪول بابت توهان وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪندا. اَسان جي آس پاس لڳندڙ بازارن بابت پڻ ڄاڻ حاصل ڪندا. گڏوگڏ اَسان پنهنجون ضرورتون ۽ مسئلا پڻ سمجهنداسين. پاڻيءَ جي اَهميت، بچت، آس پاس جون مختلف اِتهاسي عمارتون، آمدرفت جون سهوليتون، قدرت جي حفاظت ۽ سنڀال بابت پڻ توهان کي ڄاڻ ملندي. اَسان پنهنجي ديش ڀارت ۾ رهون ٿا. اِن ڪري هتي جون روايتون، هتي جي علحدگي سماج جي مهان شخصيتن ۽ سماج سڌارڪن بابت پڻ سڪنداسين. اَسان کي پنهنجي ملڪ ۾ ايڪتا سان رهڻو آهي. اِهو توهان جي خيال ۾ ايندو.

ڪتاب ۾ هن ڪردارڪي تصويرن ذريعي ظاهر ڪندڙ مکيہ صفحي تي ڀارت جي علحدگي کي ڏيکارڻ لاءِ ڀارت جي نقشي جو اِستعمال ڪيو ويو آهي.

ڪتاب جون مختلف مشغوليون ڪندي توهان کي خاص خوشي ٿيندي. هن ڪتاب ۾ بحث، لکڻ، تصويرن جي جاچ ڪرڻ، سمجهڻ، رايا ڄاڻڻ ۽ پنهنجو رايو پيش ڪرڻ جهڙين مختلف مشغولين ذريعي سادي ۽ آسان نموني سان توهان وشيہ جي سچاٽپ حاصل ڪندا. ڪتاب ۾ ڪشش ڪندڙ تصويرون ڏنيون ويون آهن. تصويرن مان پڻ سبق جو مواد سمجهڻ ۾ مدد ملندي ڪلندي ڪائيندي تعليم حاصل ڪرڻ تي ڪتاب ۾ زور ڏنو ويو آهي. توهان سڀني جو هن نئين وشيہ جي دنيا ۾ ڀليڪار آهي ۽ ٽئين ڪلاس جي پڙهائيءَ لاءِ واڌايون!

اِتهاس ۽ ناگرڪ شاستر ڪميٽي، ليکڪن، چترڪارن ۽ فوٽوگرافرن بيحد چاهہ ۽ محنت سان هي ڪتاب تيار ڪيو آهي. منڊل انهن سڀني جو دل سان شڪرگذار آهي. پالڪن، شاگردن ۽ ماسترن کي ڪتاب جي مواد بابت ڪا بہ ڏڪيائي محسوس ٿئي تہ اهي ڪتاب بورڊ کي ضرور ٻڌائن.

(اَنوراڌا اوڪ)
سنچالڪ
مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و
اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي - ٤.

پُڻي
تاريخ : ١٩ اَپريل ٢٠٢٦،
ڀارتيہ سوريہ تاريخ : ويساک ٢، سنبت ١٩٤٨
اَکڻ ٽيج

اَيپاسڪرم مقصد : CG1 شاگردن جي آس پاس جي قدرتي ۽ سماجي سيپيتڪ ماحول جي ڳولها ڪرڻ ۽ اُن ۾ ڪين رڌل رکڻ.

| نمبر | سبق جو نالو | اَيپاسڪرم لياقتون | سکيا جا نتيجا | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|---|
| ١ | اَسان جو ڪٽنب | C 1.2 ڪٽنبي ۽ سماجي لاڳاپن (اِنسان، جانور قدرت) ۽ روايتن (فن، مٽ مائٽي، ڏڻ) جو بيان ڪري ٿو. | • ڪٽنب جي مختلف قسمن ۽ نمونن جي سمجهاڻي ڪري رشتن بابت ٻڌائي ٿو.<br>(١) ڪٽنب ۾ رشتن کي چٽو ڪري ٿو.<br>(٢) ڪٽنب جي قسمن ۽ نموني کي چٽو ڪري ٿو. | ١، ٢، ٣، ٥، ٦<br>٢ کان ٦ |
| ٢ | ڪٽنبي ڇجرو | C 1.5 مڪاني وسيلن جو اِستعمال ڪري پنهنجي گهر يا ڪلاس کي سينگارڻ لاءِ شيون (ڇجرو، لفافا، ڪاغذي جانور) ناهي ٿو. | • پنهنجي ڪٽنب جو ڇجرو چٽو ڪري ٿو. | ٧ کان ١٠ |
| ٣ | منهنجو اِسڪول | C 1.4 مڪاني سنستائن (ڪٽنب، اِسڪول، بئنڪ، پوسٽ آفيس، مارڪيٽ ۽ گرام پنچائت) جي ڪم کي مختلف صورتن (ڳالهه، تصويرن، چارٽس جي جاچ، رپورٽ) ۾ چٽو ڪري ٿو ۽ اُنهن جي ڪردارن جو جائزو ڪري ٿو. | • مڪاني سنستائن جا ڪم ٻڌائي اُنهن جي ڪردارن جو جائزو ڪري ٿو.<br>(١) اِسڪول جي ڪمن کي چٽو ڪري اُنهن جي ڪردارن جو جائزو ڪري ٿو. | ١١ کان ١٧<br>١١ کان ١٧ |
| ٤ | بازار | C 1.4 مڪاني سنستائن (ڪٽنب، اِسڪول، بئنڪ، پوسٽ آفيس، مارڪيٽ ۽ گرام پنچائت) جي ڪم کي مختلف صورتن (ڳالهه، تصويرن، چارٽس جي جاچ، رپورٽ) ۾ چٽو ڪري ٿو ۽ اُنهن جي ڪردارن جو جائزو ڪري ٿو. | • بازار جي ڪمن کي چٽو ڪري اُن جي ڪردارن جو جائزو ڪري ٿو. | ١٨ کان ٢٥ |

اَيپاسڪرم مقصد : CG6 مختلف ذريعن مان حاصل ڪيل ڄاڻ جو اِستعمال پنهنجي آس پاس جي ماحول ۾ مختلف سوالن جا جواب ڳولهڻ لاءِ ڪرڻ.

CG4 سماجي ۽ قدرتي ماحول بابت حساسيت پيدا ڪرڻ.

CG9 ڀارت جي شاندار اِتهاس جي مهان شخصيتن جي (خاص طورتي مهاراشٽر جي حوالي سان) زندگي جي ڪمن بابت دلچسپي پيدا ڪرڻ اُنهن جي ديش جي آذاوت ۾ حصي ۽ سماجي تبديلي جي ڪردارکي چٽو ڪرڻ.

| نمبر | سبق جو نالو | اَيپاسڪرم لياقتون | سکيا جا نتيجا | صفحو نمبر |
|---|---|---|---|---|
| ٥ | اَسان جون گهرجون ۽ مسئلا | C 4.3 پنهنجي آس پاس جي ماحول ۾ قدرتي وسيلن جي اِستعمال جو بيان ڪري ٿو.<br>C 4.6 مختلف حالتن ۾ ماڻهن جي گهرجن کي سڃاڻي ٿو. جهڙوڪ وسيلن جي ميسر ٿيڻ جا شرط، برابر موقعا، ڪم جي ورڇ ۽ پناهگاهه وغيره.<br>C 6.1 آزاد نموني يا گروهن ۾ مخصوص سوالن جي عام پڇا ڳاڇا ڪري ٿو.<br>C 9.2 ، بهادري ۽ عقل جي ڪري مصيبتن تي قابو پائي سگهجي ٿو. اِهو مهان شخصيتن جي ڪردارمان پرائي ٿو. | • پنهنجي آس پاس جي ماحول ۾ قدرتي وسيلن جي اِستعمال بابت ڄاڻ ٻڌائي ٿو.<br>• انسانن جي بنيادي گهرجن جي فهرست ناهي اُنهن جي اَهميت ٻڌائي ٿو.<br>• مليل وسيلن ۽ مهارتن موجب ماڻهن ۾ ڪم جي ورڇ ٿئي ٿي اِهو ٻڌائي ٿو.<br>• آس پاس جي ماڻهن جي مسئلن ۽ گهرجن کي مناسب سوالن جي ذريعي سمجهي، حل تجويز ڪري ٿو.<br>• دِويانگ لاءِ عوامي ماڳن تي موجود سهوليتن جي ڄاڻ سوالن جي بنياد تي حاصل ڪري ٿو.<br>(١) آس پاس جي ماڻهن جي گهرجن ۽ مسئلن جي فهرست ناهي اُنهن جي ورهاست ڪري ٿو.<br>• ، بهادري ۽ عقل جي ڪري مصيبتن تي قابو پائي سگهجي ٿو، اُنهن جا مثال ٻڌائي ٿو. | ٢٦ کان ٣٠<br>٢٦ کان ٣٠<br>٣٣، ٣٤<br>٣١ کان ٣٦<br>٣١ کان ٣٦<br>١٣، ١٤،<br>٣٢ کان ٣٦، ٨٣<br>٢٦، ٢٨، ٢٩<br>٣٤، ٣٦ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٦ | جل تعليم | C 9.3 وڏن ماڻهن جي ڪردار مان برابري، اِنصاف، ماحولياتي سنڀال جل تعليم وغيره جو سبق پرائي ٿو ۽ اُن تي عمل ڪري ٿو. | • جل تعليم جي تصور کي سمجهي، مهان شخصيتن پاران جل تعليم لاءِ ڪيل ڪم کي سمجهي ٿو ۽ اُن کي عمل ۾ آڻي ٿو. | ۳۷ کان ۴۳ |
| اَيپاسڪرم مقصد : CG4 سماجي ۽ قدرتي ماحول جي باري ۾ حساسيت پيدا ڪرڻ.<br>CG2 ماحول جي پاڻ ۾ لاڳاپن کي جاچ ۽ تجربي مان سمجهي 'وسوڌيوڪٽمبڪ' جي تصور کي سمجهڻ.<br>CG6 مختلف ذريعن مان حاصل ڪيل ڄاڻ کي آس پاس جي ماحول جي مختلف سوالن جا جواب ڳولهڻ لاءِ استعمال ڪرڻ.<br>CG8 دانساني اوسر جي ڏاڪن ۽ هر ڏاڪي ۾ سيينٽڪ ۽ سماجي تبديلين کي سمجهڻ. | | | | |
| ٧ | ڀارتيه روايتون ۽ سيينٽڪ رنگا رنگي (علحدگي) | C 2.2 آس پاس جي ماحول جي قدرتي ماحول ۽ سيينٽڪ اٿرن جي وچ ۾ لاڳاپن کي (ڪم جا قسم، کاڌو، ڏڻ، روايتون) چٽو ڪري ٿو.<br>C 4.2 آس پاس جي ماحول ۾ سيينٽڪ رنگا رنگي (کاڌو، پوشاڪ، رانديون، مختلف مؤسمون، فصل جي لڻائي ۽ پوکائي سان لاڳاپيل ڏڻ) جو جاچ ڪري بيان ڪري ٿو.<br>C 6.2 جاچ ۽ نتيجن کي تخليقي ذريعن تصويرون، شڪليون، شاعري، ڊراما، اسڪرپٽ، رانديون، زباني يا لکت واري اظهار) ذريعي پيش ڪري ٿو.<br>C 8.2 ماضي ۽ حال جي ريتن رسمن، روايتن ۽ طريقن ۾ آيل تبديلين بابت ڄاڻ حاصل ڪري ٿو ۽ چٽو ڪري ٿو. | • فصلن جي مؤسم ۽ اُن سان لاڳاپيل اَچڻ وارن ڏڻن بابت ڄاڻ ڏئي ٿو.<br>• ماحول جي قدرتي ماحول ۽ سيينٽڪ روايتن جي وچ ۾ رابطو ٻڌائي ٿو.<br>• آس پاس جي ماحولياتي جزن بابت ڄاڻ ڏئي ٿو.<br>• سيينٽڪ اٿرن روايتن کي آس پاس جي ماحول سان ٻڌائي ٿو.<br>• آس پاس جي ماڻهن جي کاڌي ۽ پوشاڪ ۾ مؤجود رنگا رنگي ٻڌائي ٿو.<br>• آس پاس جي راندين بابت ڄاڻ ڏئي ٿو.<br>• روايتي راندين جي جاچ ۽ نتيجا پيش ڪري ٿو.<br>• روايتي لوڪ فن جي جاچ ۽ نتيجا پيش ڪري ٿو.<br>• ماضي ۽ جديد دؤر جي ريتن رسمن ۽ روايتن بابت ڄاڻ چٽو ڪري ٿو. | ۴۴، ۴۵، ۵۱<br>۴۶، ۴۸<br>۴۶، ۴۷، ۴۹<br>۴۶، ۴۹، ۵۰، ۵۱<br>۴۸، ۴۹، ۵۰<br>۴۴، ۴۵، ۴۷، ۵۰<br>۴۷، ۴۹، ۵۰، ۵۱ |
| ٨ | آمدرفت | C 2.3 ماحول ۾ ٿيندڙ تبديلين ، ڪٽنبي ۽ سماجي تبديلين کي بزرگن کان پڇايل ڳالهيون ۽ ڪهاڻين وسيلي (پيشي ۾ تبديلي، کاڌي پيتي جون عادتون، وسيلا آمدرفت، پاڻ ۾ ميل جول) سان لاڳاپو قائم ڪري ٿو. | • روايتي ۽ جديد آمدرفت جي وسيلن جو تصور چٽو ڪري ٿو.<br>(۱) آمدرفت جو تصور بيان ڪري اُن جا قسم چٽو ڪري ٿو.<br>(۲) روايتي ۽ جديد آمدرفت جا وسيلا ٻڌائي ٿو.<br>(۳) آمدرفت جي وسيلن ۾ وقت سان گڏ ٿيل تبديليون ٻڌائي ٿو. | ۵۲، ۵۳، ۵۵، ۵۷<br>۵۳ کان ۵۸<br>۵۳ کان ۵۸<br>۵۳ کان ۵۸ |
| اَيپاسڪرم مقصد : CG9 ڀارت جي مهان اِتهاس ۾ وڏين شخصيتن (خاص طور تي مهاراشٽر جي حوالي سان) جي زندگيءَ جي ڪمن بابت دلچسپي پيدا ڪرڻ. اُنهن جي ديش جي اَڏاوت ۾ ڪيل خدمتن ۽ سماجي تبديليءَ ۾ اَدا ڪيل ڪردار کي چٽو ڪرڻ. | | | | |
| ٩ | اِتهاسڪ عمارتون | C 9.5 مقامي علائقي جي اِتهاسڪ واقعن، قصن، جڳهين ۽ يادگارن بابت معلومات گڏ ڪري ٿو. | • مقامي علائقي جي اِتهاسڪ ماڳن، جڳهين ۽ يادگارن کي گهمي ڏسڻ کان پوءِ اُنهن سان لاڳاپيل اِتهاسڪ واقعن ۽ قصن جي معلومات گڏ ڪري بيان ڪري ٿو. | ۵۵، ۵۹، ۶۰، ۶۱، ۶۲، ۶۳، ۶۴ |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| اَيپاسڪرم مقصد : CG9 ڀارت جي ڳوناڻين تاريخ ۾ بهادر شخصيتن (خاص طور تي مهاراشٽر جي حوالي سان) زندگيءَ جي ڪارنامن بابت دلچسپي پيدا ڪرڻ، اُنهن جي قوم جي تعمير ۾ ڪيل خدمتن ۽ سماجي تبديليءَ ۾ اَدا ڪيل ڪردار کي چٽو ڪرڻ. | | | | |
| ۱۰ | ڳالهيون، بهادري ۽ اِنقلاب جون | C 9.4 سماجي برابري، ڀائيچارو ۽ هم آهنگي جهڙين قدرن کي قائم ڪرڻ لاءِ سنتن ۽ سماج سڌارڪن جي ڪيل ڪوشش مان سبق حاصل ڪري ٿو ۽ اُنهن قدرن کي اَپنائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.<br>C 9.6 ڀارت کي آزادي ڏياريندڙ بهادر مردن ۽ اِنقلابي شخصيتن جي بهادريءَ جون ڪهاڻيون ٻڌائي ٿو ۽ اُنهن جو ڪردار سمجهي ٿو.<br>C 9.2 چالاڪي، همٿ ۽ عقل سبب مشڪلاتن تي ضابطو آڻي سگهي ٿو. اهي خوبيون بهادر شخصيتن جي ڪردارن مان سکندو آهي.<br>C 9.1 اِتهاس جي بهادر شخصيتن جهڙوڪ ڇترپتي شواجي مهاراج جي شخصيت سان لاڳاپيل مختلف متاثر ڪندڙ واقعا ٻڌائي ٿو ۽ اُنهن جو جائزو وٺي ٿو. | • سماجي برابري، ڀائيچاري ۽ هم آهنگي جهڙين قدرن کي قائم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندڙ بهادر شخصيتن ۽ سماج سڌارڪن بابت معلومات ٻڌائي ٿو ۽ متاثر ڪندڙ واقعن مان سبق وٺي عمل ڪري ٿو.<br>• پنهنجي علائقي جي بهادر شخصيتن، آزاديءَ جي سپاهين ۽ انقلابي ماڻهن جي قربانين ۽ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ڪيل خدمتن بابت معلومات ڏئي ٿو.<br>• چالاڪي، همٿ ۽ عقل جو اِستعمال ڪري زندگيءَ جي مسئلن تي ضابطو آڻي ٿو.<br>• بهادر شخصيتن جي زندگيءَ جي متاثر ڪندڙ واقعن جو بيان ڪري ٿو. | ٦٥ ڪان ٦٨<br>٦٥ ڪان ٦٨<br>٦٦ ڪان ٦٨<br>٦٥، ٦٧، ٦٨، ٦٩ |
| ۱۱ | ماحول جي سنڀال، منهنجي ذميواري | C 10.5 صفائي مُهم، وڻ لڳائڻ ۽ ٻين سماجي ڪمن ۾ حصو وٺي ٿو ۽ پنهنجي ذميواري سڃاڻي ٿو. | • ماحول جي صفائي مُهم ۾ حصو وٺي، اُن جي اَهميت ٻڌائي ٿو.<br>• وڻ لڳائڻ جي مهم ۾ حصو وٺي، وڻن جي حفاظت ۽ واڌاري بابت سرگرمين جو بيان ڪري ٿو. | ٧٠ ڪان ٧٢<br>٧٠ ڪان ٧٥ |
| اَيپاسڪرم مقصد : CG9 ڀارت جي ڳوناڻين تاريخ ۾ بهادر شخصيتن (خاص طور تي مهاراشٽر جي حوالي سان) زندگيءَ جي ڪارنامن بابت دلچسپي پيدا ڪرڻ، اُنهن جي قوم جي تعمير ۾ ڪيل خدمتن ۽ سماجي تبديليءَ ۾ اَدا ڪيل ڪردار کي چٽو ڪرڻ.<br>CG10 آئين ذميوارين جي ڄاڻ پيدا ڪرڻ ۽ جمهوريت جي تصور کي سمجهڻ. | | | | |
| ۱۲ | قومي ايڪتا | C 10.3 بنيادي جزن جي تصور کي سمجهي ٿو ۽ ڀارت جي قومي ايڪتا کي برقرار رکڻ جي نقطه نظر کان بنيادي جزن کي سمجهي ڇنڊڇاڻ ڪري ٿو. | • بنيادي جزن ۾ قومي ايڪتا جي اَهميت کي سڃاڻي ٿو. | ٧٦ ڪان ٧٩ |
| ۱۳ | اَچو ته ٻڌون، ڳالهايون ۽ سمجهون | C 9.2 پنهنجا خيال ۽ رايا آزاديءَ سان ظاهر ڪري ٿو.<br>C 10.6 ٻين جي راءِ جو آدر ڪري ٿو ۽ سيني سان برابر جو ورتاءُ ڪري ٿو. | • اَهڙا مثال ڏئي ٿو ته ڪيئن هوشياري، حوصلي ۽ عقل جي ذريعي مصيبتن تي قابو پائي سگهجي ٿو.<br>• مختلف وشين تي پنهنجا خيال پيش ڪري ٿو ۽ ٻين جي راءِ جو آدر ڪري ٿو. | ٨٠ ڪان ٨۴<br>٨٠ ڪان ٨۴ |

• نقشن بابت نوٽ :- هن درسي ڪتاب ۾ ڪم آندل نقشا اِهي تعليمي مقصدن لاءِ تيار ڪيل آهن. انهن جو راڄنيتڪ ۽ جاگرافيڪل پئماني ۾ اِستعمال نه مڃيو وڃي. ڪجهه عيب هجن ته تڪنيڪ خرابي سبب هوندا.

## ماسترن پاران درسي ڪتاب جو استعمال ڪندي ...

- راشٽريہ تعليمي نيتيءَ جو مکيہ مقصد راڄيہ جي سيني شاگردن جي علمي حاصلاتن کي بهتر بڻائڻ آهي. ان کري درسي ڪتاب جي شروعاتي بنيادي صفحن تي شامل ڪيل علمي حاصلاتن کي سيني لاءِ پڙهائڻ وقت سامهون رکڻ تمام ضروري آهي.
- هر سبق جي پڙهائڻ جي رٿابندي ڪندي، علمي حاصلاتن موجب سبق ۾ شامل سکيا جا آزمودا ۽ مختلف مشغولين جي رٿابندي ڪئي وڃي.
- سبقن ۾ گهڻ - علمي نظرئي کان مختلف سکيا جا آزمودا شامل ڪيا ويا آهن، ان تي مڪمل طور غور ڪيو وڃي. شاگردن کي مختلف وشين جي مدد سان گڏيل طريقي سان آسانيءَ سان سکيا حاصل ٿيندي، ان جي ڄاڻ ڏني وڃي.
- مختلف مشغولين جي بنياد تي وشيہ جي سمجهہ کي وڌائي سگهبو.
- شاگردن کي مختلف آزمودا ڏيڻ دوران پارٽي ڄاڻ جو سرشتو، پنهنجي ڪوشش جهڙن معاملن بابت پڻ ڄاڻ حاصل ٿيندي، ان جي خبرداري وٺڻ ضروري آهي.
- آس پاس جي ماحول جي مختلف جزن جي حفاظت، سنڀال، پارٽي سپيتڪ، روايتن ۽ علحدگي جي سڃاڻپ ڪرائڻ گهرجي. درسي ڪتاب ۾ اهو ڪردار تصويري روپ ۾ ظاهر ڪندڙ مکيہ صفحي تي پارٽ ۾ موجود علحدگيءَ کي ڏيکارڻ لاءِ پارٽ جي نقشي جو استعمال ڪيو ويو آهي. ملڪ جي ترقيءَ لاءِ قومي ايڪتا کي برقرار رکڻ تمام اَهم آهي. اِها ڄاڻ سکيا جي آزمودن جي رٿابندي ڪندي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي.
- ڪتاب ۾ مکاني آس پاس جي سيني اتهاسڪ عمارتن، مهان شخصيتن وغيرهہ جي ڄاڻ صفحن جي گهٽتائيءَ سبب ڏيڻ ممڪن نہ هوندي آهي، ان کري سکيا ۾ آس پاس جي مختلف مثالن کي شامل ڪيو وڃي. پروگرامن ۽ مشغولين ۾ مکاني معاملن کي شامل ڪرڻ ضروري آهي.
- اَسان جون گهرجون، انهن کي پورو ڪندي پيدا ٿيندڙ مسئلا، ان سان گڏوگڏ ماحول جي سنڀال، پاڻيءَ بابت سڃاڻپ جهڙن اهم وشين جي پڻ سادي ٻوليءَ ۾، مختلف آزمودن جي بنياد تي ڄاڻ پيدا ڪرڻ ضروري آهي.
- پنهنجي آس پاس جي اِتهاسڪ عمارتن جي سڃاڻپ ۽ انهن جي سنڀال جي اَهميت شاگردن کي چٽي ڪري ٻڌائي وڃي.
- ڄاڻ جو دٻاءُ نہ وڌي، اِن لاءِ درسي ڪتاب ۾ هر نقطي جي تفصيلي ڄاڻ سبق ۾ مثالن ۽ سمجهاڻيءَ سان ڏيڻ ممڪن نہ هوندو آهي. ماسترن کي پڙهائڻ کان اڳ مختلف حوالن جي بنياد تي شاگردن کي ڄاڻ وڌيڪ سادي ڪرڻ جي مقصد سان گهربل ڄاڻ جڳهہ جڳهہ تي ڏيڻ گهرجي.
- ماسترن کي ڪيتر جو ڏؤرو ڪرائڻ گهرجي. شاگردن کي روبرو آزمودا ڏنا وڃن. مثال طور: ٻارن جو ميلو، عمارتن جا ڏؤرا، عجائب گهرن جا ڏؤرا، ماحول جو سير وغيرهہ.
- شاگردن جي شخصيت جي ترقيءَ لاءِ فائديمند مختلف مقابلن جو انتظام ڪيو وڃي.
- ماسترن لاءِ هن صفحي تي خاص گهرجون رکندڙ شاگردن بابت، سکيا ۽ پڙهائڻ جي ترتيب دوران اِشارن جي ٻولي (Sign Language) سان گڏ ٻين مددگار طريقن جو استعمال ڪرڻ گهرجي. خاص گهرجون رکندڙ شاگردن کي جنهن طريقي سان ممڪن هجي، ان طريقي سان پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.

# فهرست


| باب جو نالو | صفحو نمبر |
|---|---|
| .١ مُنهنجو ڪُتب | ١ |
| .٢ ڪُتب ونش | ٧ |
| .٣ مُنهنجو اِسڪُول | ١١ |
| .۴ بازار | ١٨ |
| .۵ اَسانجون گهرجون ۽ مسئلا | ٢٦ |
| .٦ آبي تعليم | ٣٧ |
| .٧ پارتيہ رواج ۽ سيپيتڪ علحدگي | ۴۴ |
| .٨ رابطو | ۵٢ |
| .٩ اِتهاسڪ عمارتون | ۵٩ |
| .١٠ ڪهاڻي : ويرتا ۽ اِنقلاب جي | ٦۵ |
| .١١ ماحول جو بچاءُ : مُنهنجي جوابداري | ٧٠ |
| .١٢ راشتريہ ايڪتا | ٧٦ |
| .١٣ اَچو تہ پڙهُون، ٻالهايُون ۽ سمجهي وتون | ٨٠ |



# ۱. مُنهنجو ڪُٽنب





مينا جي گهر ۾ گهڻي اَچ وڃ هئي. ٻن ڏينهن کان پوءِ هنجي اَيِي ياءُ جو شادي هئي. انڪري گهر ۾ خوشيءَ جو ماحول هو. پاپي ايندي ان ڪري مينا گهڻي خوش هئي. مينا جو چاچو - چاچي ۽ سؤٽ، ماما-مامي ۽ ماروٽ، ماسي ۽ ماساتُ، ماساتِ، پڦي، پڦات، ائين سڀ مائٽ شاديءَ لاءِ گڏ ٿيا هئا. ماما ماميءَ پنهنجو ڇئن سالن جو پوٽو ٻـ گڏ آندو هو. سڀ هن سان کيڏڻ ۾ رڌل هئا ۽ اُنجو خيال رکن پيا.

مينا جي مميءَ جا ماءُ - پيءُ ۽ پاپا جا ماءُ - پيءُ ائين ڏاڏو - ڏاڏي ۽ نانو - ناني هئڻ ڪري مينا کي گهڻو پيار ملي رهيو هو. مينا ۽ سندس پائرپينر وڏن کي مدد ڪن پيا. ڏاڏو - ڏاڏي سيني ڪمن تي نظرداري ڪن پيا. آيل مهمانن جي آجيان ڪن پيا. سڀ مت مائٹ گڏجي مِسجي ڪم ڪار ڪن پيا.



### سُڃاڻو ڏسان!

**ناتا سُڃاڻو** - پيءُ جو ياءُ، ماءُ جي ڀيڻ، پڦيءَ جي ڌيءَ، ماسيءَ جو پُٽ



### ٻڌايو ڏسان!

- توهان ماءُ پيءُ کي ڪهڙن ڪمن ۾ مدد ڪندا آهيو؟
- انهن مان توهان جا وڏنڙ ڪم ڪهڙا آهن؟



مينا جي ڪُٽُنب ۾ هن جا ماتا - پتا، چاچو - چاچي، ڏاڏو - ڏاڏي، ڀيڻ - ڀاءُ گڏ رهندا آهن. سيما ديدي مينا جي سڳي ڀيڻ آهي. اَيي ڀاءُ مينا ۽ سيما ديديءَ جو سؤٽ آهي ڇو تہ هوُ مينا جي چاچي - چاچيءَ جو پٽ آهي، يعني مينا ۽ سيما ديدي ٻئي اَيي ڀاءُ جون سؤٽون آهن.

اَسين هيٺئين نموني پنهنجي ڪُٽنب جو خاڪو ٺاهيون.




ڪٽنب يعني هڪ ٻئي سان ناتو هوندڙ ماڻهن جو ميڙ انُجا قسم آهن -

وڏو ڪُٽنب : جنهن ڪُٽنب ۾ ماءُ - پيءُ، ڏاڏو - ڏاڏي، چاچو - چاچي، سؤٽ گڏ رهندا آهن اهو وڏو ڪُٽنب آهي. اُنکي ’گڏيل ڪُٽنب‘ بہ چوندا آهن.



وڏو ڪُٽنب

ننڍو ڪُٽنب : جنهن ڪُٽنب ۾ ماءُ - پيءُ ۽ سندن ٻارگڏ رهندا آهن اهو ننڍو ڪُٽنب آهي.



ننڍو ڪُٽنب



وِستارِت ڪُٽنب

وِستارِت ڪُٽنب : ماءُ جي ڪٽنب وارا ۽ پيءُ جي ڪٽنب وارا مائٽ يعني 'اَسانجو وِستارِت ڪُٽنب' هوندو آهي. وِستارِت ڪُٽنب جا ڀاتي هڪ ئِي گهر ۾ گڏ نہ رهندا آهن، پر ضرورت موجب هڪ ٻئي کي مدد ڪندا آهن. هڪ ٻئي جي سارسنڀال لهندا آهن، هڪ ٻئي جي سُک - ڏُک ۾ گڏ هوندا آهن.



هِڪ پالڪ هوندڙ ڪُٽنب

هڪ پالڪ هوندڙ ڪُٽنب : ڪن ڪُٽنبن ۾ ماءُ - پيءُ مان ڪو هڪ ئِي پالڪ ٻارن جي سنڀال لهي ٿو، ڪين پالي ٿو. اَهڙي ڪُٽنب کي 'هڪ پالڪ هوندڙ ڪُٽنب' چوندا آهن.

## ڳالهہ ٻولهہ ڪريو

- مينا جو ڪُٽنب ڪهڙي قسم جو آهي؟
- توهانجو ڪُٽنب ڪهڙي قسم جو آهي؟



سيما ديديءَ جي ساهيڙين شُشما ۽ ياسمين گڏجي دروٽ سهڻي رنگولي ڪڍي. اَيي ياءُ جي دوستن ڊيوڊ ۽ گرديپ گلن جي هارن سان گهرکي سجايو.

مينا جا پاڙيسري بہ مدد لاءِ آيا. ڪنهن گهر ۾ ڪارج هوندو آهي تہ سڀ گڏجي ملهائيندا آهن. ڪم ۾ هڪ ٻئي کي مدد بہ ڪندا آهن. گذريل سال مينا جو ڏاڏو بيمار هو، اُن وقت مينا جي پاڙيسرين گهڻي مدد ڪئي. موڪل ڏينهن شام جي وقت پاڙي جا ٻار مينا جي اَڱڻ ۾ گڏ ٿيندا آهن. مينا جي ڏاڏي ڪين ننڍيون ڪهاڻيون ٻڌائيندي آهي.

## ٻڌايو ڏسان!

پاڙيسرين سان گڏ توهان ڪهڙا ڏڻ - وار ملهائيندا آهيو؟

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

اَسان پاڻ، اَسانجو ڪُٽنب، دوست - ساهيڙيون، سهڪاري، پاڙيسري وغيره اَسان جي سماج جا جزا آهن. جدا جدا ڪُٽنب گڏجي سماج ٺهندو آهي.



نانگڻ راند کندي

مينا جي گھر ۾ ھڪ ڪُتو ۽ ھِڪ بِلي ھئا. گھر ۾ چڱا ماڻھو ڏسي موتي ڪُتي کي آنند ٿي رھيو ھو. ھوُ پُڇ ڏوڏائي گھر ۾ ڦِري پيو. ماني ڪائي پائر- پينر نانگڻ راند کيڏي رھيا ھئا تہ موتي بہ اُتي اَچي وينو. مني بلي ڪيرپي ڪُنڊ ۾ سُمھي پيئي.

مينا جي اَڱڻ جي ھڪ ڪُنڊ ۾ مٽيءَ جا ٻہ ٿانوَ پيا آھن. مينا روز اُنھن ۾ پکين لاءِ داڻو ۽ پاڻي وِجھندي آھي.

- اَسانجي پسگردائيءَ جا وڻ، جانورۂ پکي اَسانجي زندگيءَ جا اَھم جُزا آھن.
- اَسان وڻ پوکيندا آھيون. جُدا جُدا جانورن ۽ پکين جي سنڀال لھندا آھيون.
- اَسان جُدا جُدا ڏِڻ - وارن ۾ گڏ ٿيندا آھيون ۽ آنند ماڻيندا آھيون.

## اَچو ڪُجھ لکون.

| گھر ۾ اِھو ڪم ڪير ڪندو آھي؟ | ڪم |
|---|---|
| | ڪاڏو ٺاھڻ. |
| | گھر ۾ صفائي ڪرڻ. |
| | ڪپڙا ڌوئڻ. |
| | بازار مان سامان خريد ڪرڻ. |
| | بزرگ / بيمار شخص کي سنڀالڻ. |

## چترن ۾ شخص ڇا ٿا ڪن اِھو ڇوڪندي ۾ لکو.









ڪُتنب ننڍو هجي يا وڏو، ڪُتنب جا ڀاتي گڏجي مسجي رهندا آهن، هڪ ٻئي جي سنڀال لهندا آهن. هڪ ٻئي جي مدد ڪندا آهن. ڪم ورهائي ڪٽندا آهن. اُنهن ۾ هڪ ٻئي لاءِ پريم ۽ عزت جو ڀاو هوندو آهي. ڪُتنب ۾ حفاظت هوندي آهي. جدا جدا سپيتائن جا ڪيترائي ڪُتنب گڏجي سماج بڻجندو آهي. اهڙا خوش ڪُتنب گڏجي خوش سماج بڻجندو آهي.



## ڪري ڏسو.

- توهانجي وستارت ڪُتنب جي ڀاتين جي ياداشت ٺاهيو.
- پاڙيسري ڪُتنب جي ماڻهن جي ڄاڻ وٺو.



## اڀياس

س. ١ لکو ته ڪير آهي؟

(الف) ماما - مامي ۽ سان گڏ آيل ..........................

(آ) سيني ڪمن تي نظرداري ڪندڙ ..........................

(اِ) وڏن ماڻهن کي مدد ڪندڙ ..........................

(اِي) مينا جو سؤٽ ..........................

س. ٢ ڪير ڪير رهندو آهي؟



ننڍو ڪُتنب

..........................

..........................

..........................

..........................



هڪ پالڪ هوندڙ ڪُتنب

..........................

..........................

..........................

..........................



وڏو ڪُتنب

..........................

..........................

..........................

..........................

س. ٣ توهان جي ڪُتنب ۾ هيٺيان ناتي ڇا ڪندا آهن. اِهو لکو.

(الف) ماءُ ..................................................

(آ) پيءُ ..................................................

(اِ) ڏاڏي ..................................................

(اِي) ڏاڏو ..................................................

(اُ) مان ..................................................

(اُو) منهنجا ماءُ پيءُ ..................................................

س. ۴ هيٺيان بيان درست ڪري لکو.

(الف) سيما ديدي مِينا جي سؤٽِ آهي.

..................................................

(آ) وِستارِت ڪُتنب ۾ فقط پيءُ جي ڪتنب جا ماڻھو هوندا آهن.

..................................................

(اِ) پالتو جانور ڪُتنب جا ناتي نہ هوندا آهن.

..................................................

س. ۵ ٽوري ۾ جواب لکو.

(الف) اَپي ماءُ جي شادي ۽ لاءِ ڪھڙيون تياريون ڪيون ويون؟

(آ) ڪُتنب ۾ اَسان جون ڪهڙيون گهرجون پوريون ٿينديون آهن؟

(اِ) توهان ڪي وڏندڙ پالتو جانور ڪهڙو آهي ؟ توهان اُنجي سنڀال ڪيئن ڪندا آهيون؟

## مشغولي

- توهانجي ڪُتنب ۾ ماڻهن جا فوٽو حاصل ڪري ڪاپيءَ ۾ چيڪايو ۽ هرهڪ فوٽو جي هيٺان توهانجو ڇُن سان ناتو لکو.
- توهانجي آس پاس جي پالتو جانورن ۽ پکين جي ياداشت ٺاهيو.

***



# ٢. ڪُٽنب ونش



ڪبٽ سيليندي ورشا کي سندس ماءُ - پيءُ جي شاديءَ جو اَلبم مليو. اَلبم ۾ اَڄ جا اُن وقت ڏسجندڙ ماڻهو ڪجهه اَلڳ نظر اَچن پيا. اُن ۾ ماءُ - پيءُ سان گڏ سڄي ڪٽنب جو هڪ فوٽو هو. ورشا سندس ماءُ کان ان بابت پڇيو. ماءُ چوڻ لڳي، ”ورشا، هيءُ اَسانجي سڄي ڪُٽنب جو گڏ وارو فوٽو آهي. سُڃاڻ تہ انهن مان تون ڪنهن کي سڃاڻي سگهين ٿي.“ ورشا فوٽو جاچي سُڃاتل شخصن، مائٽن جا نالا ٻڌايا. پر هوءَ ڪي شخص سُڃاڻي نہ سگهي.

”ممِي، هن فوٽو ۾ ڪير آهي؟“ ورشا پڇيو. ماءُ چيائين، ”ورشا هيءَ تنهنجي پتا جي ڏاڏي آهي.“ ورشا کي سندس پيءُ جي ڏاڏي يعني پرڏاڏي ڏسي خوشي ٿي. هن کي سندس ماءُ پيءُ، ماءُ پيءُ جا  ماءُ پيءُ يعني هن جا ڏاڏو ڏاڏي ۽ ڏاڏي جي ماءُ اهڙي مائٽن جا فوٽو ڏسڻ لاءِ مليا. ان ۾ هنکي پنهنجي پيءُ - ڏاڏو - پرڏاڏو ائين ٽن ٽهين جي ڄاڻ ملي. ٽنهي يعني هرهڪ ڪُٽنب ۾ اڳ جا ماڻهو. هاڻي هتي ئِي ڏسو، ورشا، سندس ماءُ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي ۽ انهن جا بہ ماءُ پيءُ. انهن مان ورشا سندس ڪُٽنب جو ونش يا ڇجرو ناهي سگهي.



| | | |
|---|---|---|
| مان تنهنجي پيءُ جي ماءُ.<br>مان تنهنجي ڪير؟<br>------------------------------ | مان تنهنجي پيءُ جو پُٽ،<br>مان تُنهنجو ڪير؟<br>------------------------------ | مان تنهنجي ماءُ جي ماءُ.<br>مان تنهنجي ڪير؟<br>------------------------------ |
| مان تنهنجي ماءُ جو پيءُ.<br>مان تُنهنجو ڪير؟<br>------------------------------ | ٻڌايو مان ڪير؟<br> | مان تنهنجي پيءُ جو پيءُ<br>مان تنهنجو ڪير؟<br>------------------------------ |
| مان تنهنجي پيءُ جو ڀاءُ.<br>مان تنهنجو ڪير؟<br>------------------------------ | مان تنهنجي پيءُ جي ڌيءُ.<br>مان تنهنجي ڪير؟<br>------------------------------ | مان تنهنجي پيءُ جي ڀيڻ.<br>مان تنهنجي ڪير؟<br>------------------------------ |

## ونش ڇجرو

ونش ڇجرو مطلب ڪُٽنب جي ڀاتين ڪي ٿهيءَ موجب پيش ڪرڻ. اِن ۾ ماءُ پيءُ، ڏاڏو ڏاڏي، پرڏاڏو پرڏاڏيِ ائين ٿهين جا ناالا هوندا آهن.

ونش ڇجرو ڪُٽنب جو ننڍو اتهاس هوندو آهي. پنهنجي ڪُٽنب جو اتهاس ونش ڇجري مان پتو پوندو آهي. اَسانجي ڪُٽنب جي وڏن جي ڄاڻ پوندي آهي. ونش جي ماڻهن جا ناالا ۽ ذات خبر پوندي آهي.

ونش ڇجرو معنيٰ چا اِهو هيٺين شڪل مان سمجهي وٺو.



اَچو تہ سمجهون.




ورشا جو ڪُٽنب - وڻ

### ونش ڇجري جو اَڀياس ڇو ڪبو آهي؟

* **ڪُتنب جو اِتهاس ڄاڻڻ لاءِ :** ڪُتنب جي اِتهاس ۽ وڏن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ اَسان ونش جو اَڀياس ڪندا آهيون.
* **ناتا سمجهڻ لاءِ :** ڪُتنب جي ڀاتين جا پاڻ ۾ هوندڙ ناتا سمجهه ۾ ايندا آهن.
* **ونش جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ :** اِهو طريقو ڪنهن شخص يا ڪُتنب جي مُوَل سُڃاڻپ ڳولهڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

### ڪُتنب ڇجرو ڪيئن ٺاهبو آهي؟

ڪُتنب جي ونش جي داخلا هڪ وڏي وڻ يعني ڪُتنب وڻ جي روُپ ۾ ڪبي آهي. هرهڪ نئين ٿهيءَ جو جنم ونش وڻ جو وستار آهي. ونش وڻ سبب ڪُتنب جي سيني ڀاتين ڪي پنهنجي ڪُتنب جي ڄاڻ ملندي آهي. نئين ٿهيءَ کي جهوني ٿهيءَ جي ڄاڻ اِن مان ملندي آهي.



## اَڀياس

س. ١ صحيح جوڙا ملايو.

| (الف) | جواب | (ب) |
| --- | --- | --- |
| (١) ماءُ جو پياءُ | ------------ | (الف) پڦي |
| (٢) پيءُ جي ڀيڻ | ------------ | (آ) ڇاڇو |
| (٣) ماءُ جي ڀيڻ | ------------ | (اِ) ماما |
| (۴) پيءُ جو پياءُ | ------------ | (اِي) ماسي |

س. ٢ لکو تہ هيٺيان بيان صحيح آهن يا غلط. غلط بيان درست ڪري وري لکو.

(الف) ٿهي يعني ڪُتنب ۾ اَڳيان هوندڙ ماڻهو. [ ]

------------------------------

(آ) پتا جي ڪتنب ۾ سيني مائٽن جي ذات هڪ ئي نہ هوندي آهي. [ ]

------------------------------

(اِ) ونش ڇجري جي اَڀياس مان ڪُتنب جو اِتهاس خبر نہ پوندو آهي. [ ]

------------------------------



## س. ٣ سُڃاڻو ۽ لِکو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪڏهن وڙهندو آهي، ڪڏهن کِلائيندو آهي، ڪڏهن رئاريندو آهي، ملندو آهي ڪيس ماءُ جو سوادي ڪاڌو، هو آهي منهنجو - | پريم جو وڻ، ممتا جي ڇت، هن ڪانسواءِ مان بلڪل اُباڻڪي هوءَ منهنجي اَمڙ يعني منهنجي - | پاپا جي ڀيڻ، مونکي ڪندي آ پيار مون لاءِ هوءَ آڻي رانديڪا ۽ شيون، هوءَ آهي منهنجي - | مميءَ جو ڀاءُ چوي هل گهمڻ هلوُن، کِلائيندو، ڪارائيندو، ڪيڏائيندو، ناشتو ڪرائيندو، مونکي ڏاڍو وڻندو. هو آهي منهنجو - |
| ------------ | ------------ | ------------ | ------------ |

## س. ۴ توهان سان هنن جو ناتو لِکو.

ماءُ جي ڪٽنب جا مائٽ : ----------------------------------------

----------------------------------------

پيءُ جي ڪٽنب جا مائٽ : ----------------------------------------

----------------------------------------

## س. ۵ هيٺين سوالن جا جواب ٻن ٽن جملن ۾ لِکو.

(الف) ڪُٽنب ونش ڇجري مان توهانکي ڪهڙِي ڄاڻ مِلي ٿي؟

(آ) ونش ڇجرو ڪيئن ٺاهبو آهي؟

## مشغولي

- پنهنجي پالڪن سان ڳالھ ٻولھ ڪري پيءُ جي ڪٽنب جي ونش ڇجري جي ڀاتين جا فوٽو گڏ ڪري ونش وڻ ٺاهيو.
- توهانجي ماءُ ڪٽنب جي مائٽن جي ذات جي يادداشت پالڪن جي مدد سان ٺاهيو.

***





# ٣. مُنهنجو اِسڪوُل



اَسڪوُل وَڃون ٿا اَسين.



لِکوُن، پڙهوُن، اَڀياس ڪَرِيوُن،
کيڏون، گهموُن، ويايام ڪَرِيون،
هوشيار ٿِيون اَسان،
اِسڪوُل وَڃون ٿا اَسين.

گِيت ڳايوُن، ناٽڪ ناهيوُن،
چِتر ڪَڍوُن، ناچ ڪَرِيون،
هوشيار ٿِيون اَسان،
اِسڪوُل وَڃون ٿا اَسين.

دوستن سان مَستِي ڪَريون،
وڏا ٿِي، نالو ڪَمايون،
ديش جا مستقبل اَسين،
اِسڪوُل وَڃون ٿا اَسين.

مونکي من سان وڻي ٿو مُنهِنجو اِسڪوُل
شوُق پيدا ڪري ٿو جيئن ماءُ ٻارن کي





چوڪرين جي ڪٻڊي ٽولي

اِسڪوُل جو ميدان رنگين جهالرن سان سجايل هو. اِسڪوُل جي ساليانيِ راند چٽاپيٽي شروع ھئي. شاگرد جوش ۾ ڀريل هئا. ڊوڙ چٽاپيٽيءَ ۾ روهت پهريون آيو. روهت سان ڊوڙندڙ مِهير روهت کي واڌايون ڏِنيون. پوءِ ڪبڊي راند شروع ٿي. نيتا جي ٽولي ميدان ۾ لَٿِي. چوڪرا سندن اُتساهه وڌائڻ لڳا.



## ٻڌايو ڏسان!

* اِسڪوُل جي ميدان تي توهان ڪهڙيون رانديون ڪندا آهيو؟

### اِسڪوُل معنيٰ ڇا؟

اِسڪوُل يعني اهڙي جڳهه جِتي اَسان سِکڻ ويندا آهيون. جِتي اَسين نيم پالڻ سِکندا آهيون. اِسڪوُل ۾ وقت سِر وِڃڻ، اِسڪوُل جو يونيفارم پائڻ، پرارٿنا ۾ قطار ۾ بيهڻ اِن مان اَسان اِنتظام سِکندا آهيون. اِسڪوُل ۾ اَلڳ اَلڳ ڪُٽنبن جا ٻار سِکندا آهن. اُنهن سان گڏ اَسانجي دوستي هوندِي آهي. اَسان دوست - ساهيڙين سان گڏجي مِسجِي رَهندا آهيون. هِڪٻئي جي مَدد ڪَندا آهيون. هِڪ ٻئي جو خيال رکندا آهيون.

ماسترن جي عزت ڪرڻ سِکندا آهيون. اِسڪوُل ۾ ماستر اَسانکي جُدا جُدا وِشيه سيکاريندا آهن. هنن جو ءِ اَسانجو ناتو ماستر - شاگرد جو هوندو آهي. سَماج ۾ ڪيئن هَلجهي اِهو اَسان اِسڪوُل ۾ سِکندا آهيون. اِسڪوُل ۾ تعليم سان اَسان سُٺا ناگرڪ بَڻجندا آهيون. اَسانجي جيِون ۾ ڪُٽنب وانگر اِسڪوُل جي بہ اَهميت آهي.



## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

اِسڪوُل جي ڊريس (يونيفارم) سبب شاگردن ۾ برابري، اِنتظام ءِ ايڪتا جا مُلهه پيدا ٿيندا آهن. ڊريس سبب شاگردن ۾ اِسڪوُل لاءِ پنهنجائپ جي ڀاوَنا پيدا ٿيندي آهي. اِسڪوُل جي ڊريس، اِن جي سُڃاڻپ آهي.

هيٺ ڏنل چِترمِ اِسڪوُل لاءِ ضروري ساڌن آهن. اِهي سُڃاڻو ۽ چِتر هيٺان اُنهن جا نالا لِکو.

- **طبعي جزا :** عمارت، بورڊ، چاڪ، ڊسٽر، بينچ، گهنڊ، ڪتاب، ڪاپيون، پينسل، ربڙ، سِي.سِي.ٽِي.وي. ڪئميرا، شِڪايت پيٽي، سائنس هال، ميدان، لوڙهو، پيئڻ جو پاڻي، مارڪر، وائيٽ بورڊ، سمارٽ بورڊ، سليٽ، رئمپ، لئبرري، باغ، ڪمپيوٽر روُم، تُرت علاج پيٽِي، ڇوڪرين - ڇوڪرن لاءِ صفائي گهر، هٿنڊ واش اِسٽيشن، اِسڪوُل بس وغيره.





## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟



اِسڪوُل ۾ ڏاڪڻ ويجهو لاهه وارو رستو تهيل هوندو آهي. اِن لاهه واري رستي کي ’رئمپ‘ چوندا آهن. رئمپ سبب دويانگن کي ڦيٿن واري ڪرسي سان لهڻ چڙهڻ سؤلو ٿيندو آهي.

- اِنساني جزا : شاگرد، پالڪ، ماستر، هيڊ ماستر، آفيس جا مُلازم، صفائي مُلازم، شالا پوشڻ آهار رانڌو ۽ مدد ڪندڙ وغيره.



اِسڪوُل منتري منڊل جي چوُنڊ

راڄ جي اِسڪوُل ۾ اِسڪوُل منتري منڊل جي چونڊ ٿئي. مُکيه منتري، اِنتظام منتري، صفائي منتري، اَڀياس منتري، سانسڪرتڪ منتري ۽ راند منتري، منتري منڊل لاءِ چونڊجڻ وارا هئا. سڀني شاگردن ووٽ ڏنو. راڄ کي سانسڪرتڪ منتري چونڊيو ويو. اِن ڪري اِسڪوُل ۾ ٿيڻ واري سانسڪرتڪ ڪاريه ڪرم جي جوابداري هُن تي هئي.

عملي ڪم - اِسڪوُل ۾ صفائي هفتو ملهائڻو آهي. توهانجي ڪلاس جا ٽي گروهه ٺاهي ڪم جي ورهاست هيٺئين خاڪي ۾ ڪريو.

| ’اَلف‘ گروهه | ’ب‘ گروهه | ’ٿ‘ گروهه |
| --- | --- | --- |
| ------------------------------ | ------------------------------ | ------------------------------ |
| ------------------------------ | ------------------------------ | ------------------------------ |

- اِسڪوُل ۾ شاگرد اَلڳ اَلڳ ڪم ڪرڻ جي جوابداري کڻندا آهن.
- اِسڪوُل اسانکي گيان ڏيندو آهي. مسئلو حل ڪرڻ سيکاريندو آهي. گڏ ڪم ڪرڻ سيکاريندو آهي. اِن ڪري اِسڪوُل سماج لاءِ بِلڪُل ڪارائتي سنستا آهي.
- اِسڪوُل ۾ هرهڪ کي ڳالهائڻ، پنهنجا ويچار رکڻ ۽ پنهنجا ويچار رايا ٻُڌڻ جي عادت لڳندي آهي. اِسڪوُل ۾ اَسان لوڪشاهيءَ جا مُلهه سِکندا آهيون. ساڳئي نموني اَسانجي ديش جو ڪاروبار هلندو آهي. اِن کي ئي ’لوڪشاهي‘ چئبو آهي.



### ٻڌايو ڏسان!

- توهانکي توهانجي اِسڪوُل جي کهڙي جڳهه وڌيڪ وڻندي آهي ۽ ڇو؟
- جيڪڏهن توهانکي هڪ ڏينهن لاءِ ماستر بڻايو ته توهان کهڙي تياري ڪندا؟



## ڪري ڏسو.

نرنجن خاڪو نقشو ٺاهيو آهي.
توهان پنهنجي گهرکان اِسڪوُل جو اَهڙو خاڪو نقشو ٺاهيو.



گهرکان اِسڪوُل نقشو / خاڪو

**تعليم جو حق :** ڀارت سرڪار ’ٻارن جو مفت ۽ لازمي تعليم جو حق قائدو ۲۰۰۹‘ لاڳو ڪيو آهي. اِن موجب ڀارت جي هرهڪ ڇوڪري - ڇوڪريءَ کي تعليم جو حق مليل آهي.

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟



مهاتما جوتيراو ڦلي



ساوتري ٻائي ڦلي

مهاتما جوتيراو ڦلي ۽ ساوتري ٻائي ڦلي ڇوڪرين کي تعليم ملي اِن لاءِ گهڻا جتن ڪيا. مهاتما جوتيراو ڦلي ۱ جنوري، ۱۸۴۸ تي پٽي ۾ ڀڙي واڙا ۾ ڇوڪرين جو اِسڪوُل شروع ڪيو. اِهو مهاراشٽر ۾ پهريون ڇوڪرين جو اِسڪوُل هو. شروعات ۾ مهاتما ڦلي ۽ ساوتري ٻائي ڦلي ڇوڪرين جي اِسڪوُل ۾ ماسترطور ڪم ڪيو. ساوتري ٻائي ڦلي پهرين ڀارتي اِستري ماسترياڻي هئي.

## اَڀياس

س. ۱ ياداشت ٺاهيو.

توهان کي اِسڪوُل ۾ وڻندڙ ڳالهيون.

| |
|---|
| |
| |
| |
| |
| |

س. ٢ هيٺ ڏنل جزن کي ڏنل خاڪي ۾ ورگيڪرڻ ڪري لِکو.

(عمارت، ماسٽر، صفائي گھر، هيڊماسٽر، شالا پوشڻ آهار رانڌو، لئبرري، شاگرد، سائنس هال، رئمپ، پالڪ، ميدان، شڪايت پيٽي، ڪمپيوٽر رُوم)

| طبعي جزا | اِنساني جزا |
|---|---|
| ........................................ | ........................................ |
| ........................................ | ........................................ |

س. ٣ هيٺيان عملي ڪم ڪريو.

اِسڪوُل ۾ هيٺين شخصن جي ڪمن بابت هڪ جملي ۾ لِکو.



پالڪ



ڪلاس ماسٽر
ڪلاس جا دوست



شالا پوشڻ
آهار رانڌو



صفائي منتري



هيڊماسٽر

س. ۴ توهان هيٺين هنڌن تي ڇا ڪندا آهيو؟



پڙهڻ جي ڪُنڊ

---------------------------------------------------------------
---------------------------------------------------------------
---------------------------------------------------------------



ميدان

---------------------------------------------------------------
---------------------------------------------------------------
---------------------------------------------------------------




باغ

---------------------------------------------------------------
---------------------------------------------------------------
---------------------------------------------------------------

س. ۵ اِسڪُول ۾ سِکڻ لاءِ مليندڙ ڳالهيون لِکو.

---------------------------------------------------------------
---------------------------------------------------------------
---------------------------------------------------------------
---------------------------------------------------------------

## مشغوُلِي

- دِويانگ شاگردن لاءِ ڪهڙيون سهوُليتون هجن؟ ماسترن جي مدد سان چاڻ حاصل ڪري لِکو.
- اِسڪوُلي اَيپياس لاءِ تڪنيڪ جو واهپو اِن بابت دوستن سان ڳالهه ٻولهه ڪري تڪنيڪ جا اِستعمال لِکو.

***



# ٤. بازار






ٻال آنند ميلو - ٻار اَلڳ اَلڳ شيون وڪڻين ٿا، پالڪ خريد ڪن ٿا.

شاگردن جو ٻال آنند ميلي ۾ خريدي - وڪري لاءِ لڳايل جُدا جُدا شين جا ننڍا دوڪان بازار جو ننڍو روُپ. نيها ۽ سليل ٻال آنند ميلي ۾ پاڻ ٺاهيل سوڪڙي ڪارڊ وڪري لاءِ رکيا هئا. ميلو پورو ٿيڻ کانپوءِ هوُ حساب ڪن پيا.

”اَري سليل، اَسانکي وڏيڪ پئسا مليا ۽ فائدو ٿيو.“ نيها خوشيءَ وچان چيو.

”ٻئي دفعي اَسان سوڪڙي ڪارڊ سان گڏ ڏيا رنگي به وڪڻينداسين.“



## پڙهو ڏسان!

- توهان ڪڏهن ٻال آنند ميلي ۾ بهرو ورتو آهي ڇا؟ توهان ڪجهه خريد ڪيو يا وڪرو ڪيو؟
- ٻئي دفعي ٻال آنند ميلي ۾ توهان ڪهڙيون شيون وڪڻڻ چاهيندا؟



بازار يعني اُها جڳهه جتي اَلڳ اَلڳ شيون خريد ۽ وِڪامجنديون آهن. شيون وڪرو ڪندڙ کي ’وڪڻندڙ‘ چوندا آهن. شيون وٺندڙ يا خريد ڪندڙ کي ’گراهڪ‘ چوندا آهن. بازار ۾ ڪيترائِي ماڻهو گڏ ٿيندا آهن.



## چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

بازار گهڻن قسمن جي هوندي آهي. بازار شهر ۾ به هوندي آهي ۽ ڳوٺ ۾ به.




پهرين اَسان ڳوٺ جي هفتيوار بازار ۾ هلوُن ٿا.

هي آهي رگهوُ ۽ رما جي ڳوٺ جي بازار. هوُ ماءُ - پيءُ سان گڏ بازار ۾ آيا آهن. هيءُ هفتيوار بازار آهي. هفتيوار بازار يعني هفتي ۾ هڪ مقرر ڏينهن لڳندڙ بازار. هتان جي بازار هر ٻُڌر ڏينهن لڳندي آهي. ڳوٺ جا ماڻهو هفتيوار بازار جي راهه ڏسندا آهن. آس پاس جي ڳوٺن جا ڪُڙمي پنهنجي کيتن جون تازيون ڀاڄيون، اَناج وڪڻڻ لاءِ آڻيندا آهن. اَنيڪ ڪاريگر اَلڳ اَلڳ شيون وڪري لاءِ آڻيندا آهن. هاڻي شهر ۾ هفتيوار بازاريون لڳنديون آهن. بازار ۾ گراهڪن ۽ وڪڻندڙ جي هڪ ٻئي سان سڃاڻپ ٿي ويندي آهي. هفتيوار بازارن سبب ماڻهن جي هڪ ٻئي سان ملاقات ٿِي ويندي آهي.



هفتيوار بازار

ڳوٺ ويجهو ڪليل جڳهه تي هفتيوار بازار لڳي هئي. بازار ۾ ڪجهه وڪڻندڙ ڳوٺيون ڦهلائي ويٺا هئا. ڪن ڪاٺ جي سندلن تي دڪان لڳايا هئا. سايون ڀاڄيون، رنگين گُل، تازا ميوا، مصالحا، پاپڙ - ڪيچا، سڱر - مٺائي وغيره سان بازار سجيل هئي. سوٽي ڪپڙا، ٽوپيون، ساڙيون، مٽي ۽ ڌاتن جا برتن، ٽوڪريون، کيتيءَ جا اوزار اَهڙيون ڪيتريون ئي شيون وڪري لاءِ رکيل هيون. گراهڪن کي ڇڪڻ لاءِ وڪندڙ هوڪا ڏيئي ڪري شين جي مشهوري ڪندا آهن. ڪِن هنڌن تي گراهڪن ۽ وڪڻندڙن ۾ شين تي اَگهه ٺِي رهيو هو. ڪُل ملائي بازار جو ماحول اُتساهه ڀريو ۽ جوش وارو هو.

پيءُ جي چوڻ موجب، رگهوُ گهران ئي ياداشت ٺاهي آيو هو تہ ڪهڙيون شيون خريد ڪرڻيون آهن.

رَما کي ننڍيون ۽ کي وڏيون ڪپڙي جون ٿيلهيون گڏ کنيون هُيون.



## ويچار ڪريو.

بازار ۾ وڃڻ وقت ڪپڙي جون ٿيلهيون هميشهہ گڏ ڇو کڻجن؟

ٻئي ڏينهن گهر ۾ ڪجهه ڄڻن جو اُپاس هئڻ سبب ميوا وٺڻا هئا. تازن ميون جو گاڏو بازار جي شروعات ۾ ئي هو. گاڏي تي اَلڳہ اَلڳہ ميوا سجايل هئا.

”نمستي ڪاڪا، هڪ ڊزن ڪيلا ڏيو.“ رگهوءَ چيو.

”پاپا، زيتون بہ وٺون نہ!“ ساوا زيتون ڏسي رما چيو.

”چڱو، دادا هڪ ڪلو زيتون ڏيو.“ سندن پيءُ هڪ ڊزن ڪيلن سان گڏ هڪ ڪلوگرام زيتون ورتا.

ڀاڄي وٺڻ وقت رما چيو، ”پاپا ڪريلا ۽ پالڪ ڇڏي ڪجهہ بہ وٺو.“

رما کي سمجهائيندي پاپا چيو، ”رما، کي ڳالهيون وڻڻ - نہ وڻڻ ڪري نہ، پر گهرج سبب کپيون آهن. کاڌي بابت بہ ائين ئي آهي. هرهڪ ڀاڄيءَ ۾ خاص خوراڪي جزا هوندا آهن. اِهي اسانجي شريرکي ملڻ گهرجن نہ؟ مٺو، ڪوڙو، کارو، تِکو، کٽو اهي سڀ رس اسانکي ملڻ گهرجن، تہ ئي صحت سٺي رهندي. توکي وڻندڙ ڀينڊيون ۽ رگهوءَ کي وڻندڙ پالڪ بہ وٺنداسين.“

رگهوءَ خريديءَ جي سامان جي ياداشت ڏسي پيءُ کي چيو، ”پاپا، هاڻي منسکہ لال، ڪاڪا جي دوڪان تان مٺو سڱر ۽ ريوڙيون بہ خريد ڪرڻيون آهن. داديءَ وٽين لاءِ ڪپهہ آڻڻ لاءِ چيو اٿائين. هڪ ٻُهارِي بہ وٺڻي آهي. پاسي واري چاچي بازار نہ پئي اَچي سگهي ان لاءِ هُن ڪٿائڻ لاءِ ٻہ ڪلو ليما وٺڻ لاءِ چيو آهي.“

سڄي خريدي ٿيڻ ڪانپوءِ سندن پيءُ رما لاءِ لاک جون ڳاڙهيون - سايون چوڙيون ۽ رگهوءَ لاءِ لاٽوُن ورتو.

اوتري ۾ رما کي سامهون رنگين مٽين سان ڀريل وڏيون ٿوپيون ۽ پتل جي گهنڊڙي ڏسڻ آئي. اُتي رما جي ساهيڙي ورشا ۽ سندس ڏاڏو ٻه خريدي ڪن پيا.

”اَري هنن کي وٺاڻ آهي نه. هوُ پنهنجي ڏڳن ۽ ڳانءِ لاءِ هارن لاءِ مٽيا ۽ گهنڊ وٺندا هوندا. اهي ’بيل پولو‘ جي سجاوٽ لاءِ لڳندا آهن.“ پاپا چيو.



## چا توهانکي ڄاڻ آهي؟



سانگولا جي جانورن جي هفتيوار بازار

جئين اِنساني گهرجن لاءِ بازار لڳندي آهي تيئن جانورن جي ٻه بازار لڳندي آهي. سولاپور ضلعي جي سانگولا جي هفتيوار بازار ڪِلارڳانءِ - ڏڳن لاءِ مشهور آهي. اُن بازار ۾ ڳانءِ، ڏڳا، مينهن، ٻڪريون، رڍوُن ائين اَلڳ اَلڳ پاڳا هوندا آهن. آرتوار بازار جو ڏينهن هوندو آهي. ڪلار ڏڳي جي ڏڳي ڳاڏي شرط لاءِ گهٽي گُهر هوندي آهي. اَهڙيون بازاروُن ٻين ڳوٺن ۾ ٻه لڳنديون آهن.

اونهاري ۾ پکين لاءِ پاڻيءَ جي سهوليت لاءِ رگهوءَ کي مٽيءَ جو ٿانو گُهربل هو. ملاپا جي دوڪان ۾ مٽيءَ جا سُٺا ٿانو ملندا آهن. اُتان هڪ وڏي ڪوُنڊي ورتي. ڪونڊي يعني مٽيءَ جو ڦهليل برتن. بازار ۾ پاپا، رگهوُ ۽ رما ڪمند جي رس پيتي. پوءِ ڀريل ٿيلهيون کڻي اُهي گهر آيا. رما ۽ رگهوُ گڏجي خرچ جو حساب لِکيو.

## سُپر مارڪيٽ



سپر مارڪيٽ

ممي پاپا ڪڏهن ڪڏهن سپر مارڪيٽ ويندا آهن. جتي هڪ ئي دوڪان تي ڪِراڙو، ڀاڄيون، ميوا، بريڊ، بسڪيٽ، صابڻ، شيمپوُ، سونهن جا سامان، گهر جوُن شيون، اِسٽيشنري وغيره ڪارائتيون شيون ملنديون آهن. اُن دوڪان کي ’سُپر مارڪيٽ‘ چوندا آهن. عام طوُر اَهڙا سُپر مارڪيٽ شهري ايراضين ۾ هوندا آهن.

## شاپنگ مال




شاپنگ مال

اِهو هڪ قسم جي بازار آهي. وڏن شهرن ۾ گهڻ ماڙي عمارت ۾ جُدا جُدا قسم جي شين جا اَنيڪ دوڪان هوندا آهن. اُن وچ لاءِ گهڻسڪنڊڙ ڏاڪڻ، لفٽ هونديون آهن. مال ۾ ڀاڄيون - ميوا اَناج ڪاسمٽڪ، رانديڪا، ڪپڙا فرنيچر، اليڪٽرڪ ۽ اِليڪٽرانڪس شيون، گهرجون شيون، اَهڙيون سڀ شيون ملنديون آهن.

ماڻهن جي ويهڻ لاءِ جڳهه هوندي آهي. اَلڳ اَلڳ کاڌي پيتي جي شين جا اِسٽال هوندا آهن. اُتي سڀ ڪجهه هڪ ڇت هيٺان ملندو آهي.

سيني شين تي اَگهه جا اِسٽيڪر لڳل هوندا آهن. شيون خريدڻ ڪانپوءِ پئسا ڏيڻ لاءِ اِسٽيڪرس جي بارڪوڊ جو اِستعمال ٿيندو آهي. بارڪوڊ اِسڪين ڪري قيمت ڏني ويندي آهي. خريديءَ جي رسيد ڏني ويندي آهي. خريد ڪيل شين جا پئسا روڪ رقم ڏيئي يا آن لائين طريقي ڏنا ويندا آهن.



### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

عام طور بازار يعني اُها جڳهه جتي خريدي وڪرو ٿيندو آهي. ڪنهن مقرر ڏينهن يا مقرر وقت تي لڳندڙ بازارکي ’هاٽ‘ چوندا آهن. اِن لاءِ ’بازار - هاٽ‘ لفظ بہ واپريندا آهن. فقط ڪپڙا، فقط برتن اَهڙيون هڪ ئي قسم جون شيون جتي ملنديون آهن اُن بازارکي ’گنج‘ چوندا آهن. جئن ’ڪپڙا گنج‘ يا ’ڪپڙي جي بازار‘.



### ٻڌايو ڏسان!

- توهانجي گهر ويجهو ڪهڙي بازار آهي؟ توهانکي بازار وڃڻ وڻندو آهي ڇا؟
- بازار مان اَسان کي ڇا سکڻ لاءِ ملندو آهي؟

## سُڄاڻ گراهڪ بڻجُون

شين ۾ ٿيندڙ ملاوت، شين جو وڌايل اَگهه، وزن ماپ ۾ ٺڳيءَ وغيره قسم جي ٺڳيءَ کان گراهڪن کي بچائڻ لاءِ گراهڪ هلچل عمل ۾ آئي. گراهڪ شيون خريدڻ وقت شين جي ماپ، وزن، مناسب اَگهه بابت خاطري ڪري وٺن.

## اَڀياس

س. ١ نالا لکو.

(الف) شين جو وڪرو ڪندڙ

(آ) شين جي خريد ڪندڙ

(اِ) شين جي خريد - وڪري جي جڳهه

س. ٢ بازارا قسمءِ اُتي وڪري لاءِ شين جو عام خيالي چترپورو ڪريو.



س. ٣ دوڪان تان خريد ڪيل شين جي رسيد جو چترڊسي هيٺين سوالن جا جواب لکو.

(١) دوڪان جا جو آهي؟ ........................

(٢) رسيد موجب خريدي ڪيل شين جا نالا لکو. ........................

(٣) رسيد تي ڏنل خريدي تاريخ لکو. ........................

(٤) رسيد موجب وڪٽندڙ کي ڪُل ڪيترا روپيا ڏيڻا پوندا؟ ........................

(٥) وڪٽندڙ ڪا لاٽ ڏني آهي ڇا؟ جي ها تہ ڪيترا روپيا؟ ........................

شيون خريديءَ جو ٽئڪس اِنوائس

GSTN : 27ABCDE1234S1Z5

## ٽواءِ اين جواءِ

رنڪاڙا چؤپاٽي، ڪولهاپور ٤١٦٠١٢

موبائيل ٩٩٩٩٩٠٠٠٠٠

اِي ميل : toynjoy@gmail.com

اِنوائس نمبر : 25-26/099 اِنوائس تاريخ: 1 جنوري 2026

| راندیکو | HSN No. | ٽئڪس لائق قيمت | GST | | | | ٽئڪس سميت قيمت |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | SGST Rate | | CGST Rate | | |
| | | | Tax | Rate | Tax | Rate | |
| بئٽري ٽرين | 9503 | ₹ 400 | 9% | 36 | 9% | 36 | ₹ 472 |
| ٽرائسيڪل | 9504 | ₹ 300 | 6% | 18 | 6% | 18 | ₹ 336 |
| | | | | | | | |
| | | | ڪُل قيمت | | | | ₹ 808 |

س. ۴ هيٺين خاڪو پورو ڪريو. (مثال جڳهه ۾ ملندڙ شيون)

| هفتيوار بازار | سپر مارڪيٽ | شاپنگ مال |
| --- | --- | --- |
| | | |
| | | |
| | | |
| | | |
| | | |

س. ۵ اِئين ڇو ٿيو هوندو سبب ڏيئي لکو.

(۱) بازار وڃڻ وقت رما ڪپڙي جون ٿيلهيون گڏ ڪنيون.

(۲) ڪي ڳالهيون وٺڻ - نہ وٺڻ ڪري نہ پرگهرج سبب ڪبيون آهن. اِئين پاپا رما کي چيو.

(۳) وڪڻندڙ هوڪا ڏيئي شين جي مشهوري ڪري رهيا هئا.

(۴) خريد ڪرڻ وارين شين جي ياداشت رگهوُ گهران ٺاهي آيو هو.

س. ٦ هيٺين سوالن جا ٿوري ۾ جواب لکو.

(۱) هفتيوار بازار ۾ ڪهڙيون شيون ملنديون آهن؟

(۲) رما جي پيءُ بازار مان ڇا خريد ڪيو؟

(۳) شيون خريد ڪرڻ وقت ڪهڙي خبرداري وٺجي اِن جو هدايت پترُ ٺاهيو.

(۴) بارڪوڊ سسٽم جو استعمال ڇو ڪبو آهي؟

## مشغوُلي

- آس پاس جي بازار وڃي اُتان جو نظارو / ماحول بابت لکو.
- توهانجي آس پاس جي ڪنهن جانورن جي بازار جي ڄاڻ گڏ ڪري لکو.
- سپر مارڪيٽ، شاپنگ مال وڃي اُتان جو آزمودو لکو.

***



# ٥. اَسانجون گھرجُون ۽ مسئلا







مٿيون چترجاچيو.

ماڻھوءَ کي روزاني زندگيءَ ۾ ڪيترين ئي شين جي گھرج ھوندي آھي. پاڻي ۽ کاڌو مٿئين چترن ۾ ڏيکاريل آھي. ماڻھوءَ لاءِ ٻيو ڇا ضروري آھي اِھو ويچار ڪري مٿين چوکنڊن ۾ لکو.

روز صبوح جو اُٿڻ کان وٺي سمھڻ تائين توھين ڇا ڪندا آھيو. اُنجو ويچار ڪريو. اُن لاءِ توھان کي کھڙيون شيون ضروري آھن اِھو بہ سوچيو. اُنھن کي ’گھرج‘ چئبو آھي.

جن شين کانسواءِ ماڻھوءَ جو جيئڻ ڏکيو ٿي ويندو آھي اُنھن شين کي ’بنيادي گھرجون‘ چوندا آھن.

* بنيادي گھرجون : کاڌو، ڪپڙا، اَجھو، صحت، تعليم.



## ويچار ڪريو.

توھانجي گھر جي نلڪي ۾ بہ ڏينھن پاڻي نہ آيو، تہ ڇا ٿيندو؟



## گهرج جون شيون ۽ پسند جون شيون :

اِنهن ٻنهي ۾ ڪهڙو فرق آهي ڇا؟

ها! بلڪل آهي. گهرج مطلب اَهڙيون شيون جن ڪانسواءِ اَسانجو زندهه رهڻ ڏکيو هوندو آهي. مثال ڪاڏي - پاڻيءَ ڪانسواءِ اَسان زندهه رهي نه سگهنداسين. پسند جون شيون اَسانجو جيون سُکي ۽ آرام دائڪ بڻائينديون آهن، پرپسند جون شيون نه هجڻ تي به جيئڻ ممڪن آهي.

راجوءَ کي منائيِ ڏاڍي وڻندي آهي. هوُ روز چڱي منائي کائيندو آهي. اِهو مناسب آهي ڇا؟

سڀ گهرج جون شيون پسند جون نه هونديون آهن. ساڳي طرح سڀ پسند جون شيون گهرج واريون هونديون اٿين نه آهي.

ٿوري ۾ گهرجون پوريون ڪرڻيون پونديون آهن، پرپسند کي روڪڻ ممڪن آهي.

هيٺين مان ٻڌايو ته گهرج ڪهڙي ۽ پسند ڪهڙي. گهرج سامهون ’گهرج‘ ۽ پسند سامهون ’پسند‘ لکو.

| | |
|---|---|
| ١. اَناج ..............................  | ٢. ويفرس / چاڪليٽ ..............................  |
| ٣. ٿڌا پيين ..............................  | ۴. گهر ..............................  |
| ٥. پاڻي ..............................  | ٦. رانديڪا ..............................  |
| ٧. ڪپڙا ..............................  | ٨. ڪتاب ..............................  |

## هاڻي اَسان بنيادي گهرجن جي ڄاڻ حاصل ڪريون.

**پاڻي :** پاڻيءَ سان اُچ مِٽي ٿي. پاڻي ماڻهن وانگرپکي - پسن ۽ نباتات لاءِ بہ ضروري آهي. پاڻيءَ کانسواءِ انُهن جو زندهہ رهڻ ناممڪن آهي. اِن ڪري پاڻيءَ کي ”جيون“ چوندا آهن.

مينهن پاڻيءَ جو مکيہ وسيلو آهي، پاڻي عام جي ملڪيت آهي. اِن تي سڀني جو حق آهي.



### ڪري ڏسو.

توهانجي گهر۾ پاڻي ڪٿان ۽ ڪيئن ايندو آهي اُهو هيٺئين عام خيالي چٽر جي چوکنڊن ۾ لِکو.

مينهن
↓
مکيہ وسيلو
↓
[ --------------------------------- ]
پاڻيءَ جو وسيلو - جدا جدا پاڻيءَ جا پنڌار
(ندي، ٻنڊ، کوهہ، ننڍو ٻنڊ، وهڪرو، چشمو، واهہ وغيرهہ)
↓
[ --------------------------------- ]
ڪٿي سانڍيو ويو؟
(ٻنڊ، پاڻيءَ جي ٽانڪي، کوهہ وغيرهہ)
↓
[ --------------------------------- ]
گهر تائين ڪيئن آيو؟
(کوهہ، بورويل، نل، عام لاءِ نل، پاڻي صاف ڪرڻ مرڪز)

**کاڌو :** ماڻهوءَ کي جيئڻ لاءِ پاڻيءَ سان گڏ کاڌو بہ ضروري آهي. سڀني کي جهجهو ۽ طاقت بخش کاڌو ملڻ گهرجي. گڏوگڏ کاڌو اَجايو نہ وڃي اِها اَسان سڀني جي جوابداري آهي.



### ٻڌايو ڏسان!

- توهان روزاني کاڌي ۾ ڪهڙا پدارٿ کائيندا آهيو؟
- اِهي پدارٿ توهان کي ڇا مان ملندا آهن؟
- گهر ۾ سڀني کي کاڌو پورو ٿئي اِن جي خبرداري توهان ڪيئن وٺندا؟







**توهان کي مٿين مان ڪهڙي هنڌ رهڻ وڻندو؟ ڇو؟**

**هوا :** سُٺي صحت لاءِ ’صاف هوا‘ پڻ ضروري آهي. صاف هوا ۾ ساهه کڻڻ سان شرير ۾ من نروڳي رهندو آهي. ڦڦڙ صحتمند رهندا آهن. اَسانکي ڊوڙڻ، روز جا ڪم ڪرڻ وڻندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن واهڻن جو دونهون، ڪارخانن جو دونهون، ڌوڙ گڏجي ٿي، اُن سبب هوا غليظ ٿئي ٿي. اِن سبب اَسانجي صحت ۾ رنڊڪ اَچي ٿي.

## ٻڌايو ڏسان!

- توهانجي شهر جي هوا صاف آهي ڇا؟
- هوا صاف رکڻ لاءِ ڪهڙا اُپاوَ ورتا ويندا آهن؟

**ڪپڙا :** اُس، هوا، مينهن کان شرير جو بچاءُ ڪرڻ لاءِ ڪپڙن جي ضرورت هوندي آهي. اَلڳ اَلڳ مندن ۾ اَسان اَلڳ اَلڳ قسمن جا ڪپڙا پائيندا آهيون. گهرج آهر سيني کي ڪپڙا ملڻ گهرجن.

**اَجهو :** سيني کي محفوظ اَجهو ملڻ ضروري آهي. اَجهي وسيلي اَسان کي حفاظت ملندي آهي. اَسانجو اَجهو يعني اَسانجو گهر. اَسان ڳوٺ ۾ رهندا آهيون يا شهر ۾، جتي رهندا آهيون اُتان جي آبهوا ڪيئن آهي، اُتي ڪهڙا وسيلا مؤجود آهن اِن تي اَسانجو گهر ڪيئن هجي اِهو مقرر ٿيندو آهي.




**صحت :** سٺيون عادتون، سنوڪاڏو اِن سان صحت سُٺي رهندي آهي. نيمائتي ڪسرت ۽ يوڳ - پراڻايام اَسان کي تندرست رهڻ ۾ مدد ڪري ٿو. اَسان جي صحت سُٺي هوندي تڏهن اَسان روز جا ڪم ڪري سگهنداسين. پنهنجي ۽ ڪٽنب جي ڀاتين جي سنڀال ڪري سگهنداسين. جدا جدا سببن ڪري ماڻهن کي بيماريون ٿي سگهنديون آهن. اُن وقت مناسب علاج

۾ دوائون ملڻ ضروري آهن. اِن لاءِ ڳوٺن ۾ بنيادي صحت مرڪز هوندا آهن. شهرن ۾ ننڍا - وڏا دواخانا هوندا آهن. سيني ماڻهن جو گهرج موجب علاج ڪيو ويندو آهي.

**توهان ڪي ڇا ٿو محسوس ٿئي؟**

سُٺي صحت لاءِ ڇا ڪري سگهجي ٿو؟

**تعليم:** سماج ۾ سيني لاءِ ’تعليم‘ ضروري آهي. تعليم سيني تائين پهچي اِن لاءِ سرڪار اَڳَ اَڳَ رِٿائون ٺاهيندي آهي. تعليم سبب اَسانکي اَنيڪ ڳالهين جي سمجهه ايندي آهي. تعليم سبب ويچار ڪرڻ، مسئلو حل ڪرڻ، نئين شيءِ ٺاهڻ وغيره ڳالهيون حاصل ٿينديون آهن.

ماڻهوءَ جون کاڌو، ڪپڙو ۽ اَجهو، صحت ۽ تعليم اِهي بنيادي گهرجون آهن، زندگي سُٺي طرح جيئڻ لاءِ هرهڪ جون بنيادي گهرجون پوريون ٿيڻ ضروري آهن.

**پڙهو ڏسان!**

- پنهنجو، پنهنجي ڪتنب، پنهنجي ماحول جو ويچار ڪريو. اِنهن جون ٻيون به ڪي گهرجون توهانکي محسوس ٿين ٿيون ڇا؟
- تعليم ۽ صحت بابت ڪي سُٺا ويچار / چوڻيون پڙهيو.

صحت مُلازم، ڊاڪٽر، ماستر، ڪِسان، پوليس، سئنڪ،
اِنهن وسيلي اَسانجون ڪهڙيون گهرجون پوريون ٿينديون آهن؟

**قدرتي وسيلا:** وسيلا يعني اَسانجي آس پاس جا سڀ جزا، جيڪي اَسان لاءِ ڪارائتا آهن ۽ جِن جو اِستعمال ڪري اَسان پنهنجو جيون وڌيڪ بهتر ڪري سگهون ٿا.



چتر ۾ هترادوُ قدرتي وسيلا سُڃاڻو.

گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ وسيلن جي ضرورت هوندي آهي. قدرت مان ملندڙ ۽ اَسانجي ماحول ۾ هوندڙ شين جو استعمال اَسان پنهنجون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪندا آهيون. اُنهن شين کي ’قدرتي وسيلا‘ چئبو آهي. مثال پاڻي قدرتي وسيلي کي اَسان سنڀالي واپرائڻ گهرجي.

هترادوُ وسيلن ۾ پئسو، ملڪيت، آمدرفت جا وسيلا، مشينون وغيره شامل آهن.

## اَسانجا مسئلا

اَسان پنهنجون گهرجون سمجهيون. هاڻي اَسان پنهنجا مسئلا سمجهنداسين. مسئلا يعني روزاني زندگيءَ ۾ ايندڙ مُشڪلاتون. ماڻهوءَ کي سُٺي نموني جيئڻ لاءِ ضروري ڳالهيون سؤلائيءَ سان نه ملڻ يعني مسئلا.

جڳديش جي ڳوٺ ۾ پاڻيءَ جي اڻاٺ آهي. ٽانڪين ۾ پاڻي نه آهي. ندي سُڪي ويئي آهي. کوهه سُڪل آهن. بنڌ جي پاڻيءَ جي سطح گهٽجي ويئي آهي. سندس ڳوٺ ۾ ماڻهن کي روزاني واهپي لاءِ به پاڻي نه ٿو ملي. هنجي ڳوٺ ۾ جهجهو پاڻي نه ملڻ اِهو هڪ مسئلو آهي.

کاڌي جي اڻاٺ هڪ وڏو مسئلو آهي. ان جا سبب اَڃتي ڏنل ٿي سگهن ٿا. مثال : آلو ڏڪار، سُڪو ڏڪار، کيتي لاءِ گهٽ زمين، مهانگائي، لڙائي وغيره.

**ويچار ڪريو.**

توهانجي آس پاس ڪهڙا مسئلا آهن؟ اُن لاءِ ڪهڙا اُپاءَ ڪري سگهجن ٿا؟









مٿين چترن ۾ توهانکي ڪهڙا مسئلا ڏسجن ٿا؟ اُنهن مسئلن سبب توهانجي جيون ۾ ڪهڙيون ڏکيايون اَچن ٿيون؟



### سماجڪ سوال ۽ سهوليتون

جنمر کان وٺي بيماري ۽ سبب يا حادثي سبب اَسان مان ڪِن ماڻهن ۾ شاريرڪ معذوري (Disability) ايندي آهي. عام جڳهين تي هلڻ چلڻ وقت کين گهڻين ئي تڪليفن ۽ رنڊڪن تي مات ڪرڻي پوندي آهي. اُنهي ۽ ڪري کين خاص سهوليتن ۽ مدد جي ضرورت هوندي آهي.



### ٻڌايو ڏسان!

رستي تان لنگهڻ وقت هٿ ۾ هڪ اَڇي لڪڙي ڪٺي کو سُورداس ماڻهوُ وڃي رهيو آهي. اُن وقت توهان ڇا ڪندا؟

اَڇي لڪڙي ۽ ذريعي سُورداس ماڻهو عام جڳهين تي آرام سان هلي چلي سگهي ٿو. ڇهاءُ لپي ۽ (بريل لپي) ذريعي هوُ لکي - پڙهي ۽ حسابي ڪارروايون ڪري سگهن ٿا.




بريل لِپي

## ٻڌايو ڏسان!

**اِسڪوُل جي ڏاڪڻ پاسي گسڪندڙ لاهُه (رئمپ) ڇا لاءِ آهي؟**



جنم کان يا حادثي سبب ڪنهن شخص جا پير چست نٿا رهن. اَهڙي حالت ۾ شخص ڏاڪڻ چڙهي لهي نٿو سگهي. اِن لاءِ رئمپ جو اِستعمال ڪبو آهي. رئمپ سبب ڦيٿن واري ڪرسي واپرائيندڙ شخص عمارت جي اَندر- ٻاهر اَچي وڃي سگهي ٿو. ڦيٿن واري ڪرسي واپرائيندڙن لاءِ ڪن هنڌن تي خاص قسم جا صفائي گهر بہ هوندا آهن.

## ٻڌايو ڏسان!

**توهانکي اِشارن جي ٻاشا جي ڄاڻ آهي ڇا؟**




اِشارن جي ٻاشا

ٻوڙن ماڻهن لاءِ اِشارن جي ٻاشا هوندي آهي. ڳالهائيندڙن جي چپن جي چرپر ۽ چهرو ڏسي چيل سمجهڻ جي تڪنيڪ کين معلوُم هوندي آهي. ٻوڙن لاءِ اِشارن واريون خبروُن ٽِي.وِي ۽ تي ايندیون آهن.

دِويانگہ ماڻهن لاءِ بنا رنڊڪ وارو ماحول ڻاهڻ ضروري آهي. کين اِسڪوُل، آفيسوُن، عام عمارتون، صحت مرڪز، وندر وغيرهہ هنڌن تي سؤلائيءَ سان هلي چلي سگهجي اِن لاءِ سهوليتون ڏيڻ جون ڪوششون سرڪار ڪندي آهي.

- درسي ڪتاب جي شروعات ۾ ڏنل (QR) ڪوڊ جي لنڪ تان اِشارن جي ٻاشا سمجهو.



## چا توهانکي ڄاڻ آهي؟



**مُرليڪانت پيٽڪر:** هوُ موُل سانگليءَ جو رهاڪوُ آهي. جرمني ديش جي هيڊلبرگ ۾ آگسٽ ۱۹۷۲ ۾ پئرا آلمپڪ ڪوناپل هئي. اُن چٽاڀيٽيءَ ۾ هِن ورلڊ رڪارڊ ٺاهيو ۽ اسانجي ديش لاءِ سونو ميڊل کٽيو. کيس ۲۰۱۸ ۾ ’پدم شري‘ اِنعام سان نوازيو ويو. مرليڪانت پيٽڪر ڀارتي فوڄ ۾ هو. ۱۹۶۵ ۾ ڀارت - پاڪستان لڙائيءَ ۾ گوليون لڳڻ سبب هوُ زخمي ٿي پيو. اِن سبب هوُ معذور ٿي پيو. اِن هوندي به هِن مُڪيبازي، ڀالو ڦيڪ، گولو ڦيڪ ۾ خاص مهارت حاصل ڪئي هئي.



**شيتل ديوي :** شيتل ديوي جمو ڪشمير راڄيہ جي آهي. هِن ڊِويانگ ماڻهن لاءِ ٿيل چٽاڀيٽيءَ ۾ ’تيرندازِي‘ راند ۾ سونا ميڊل کٽيا آهن. هن کي اِن خاص ڪارڪردگيءَ لاءِ ڀارت سرڪار ’اَرجن‘ اِنعام سان نوازيو آهي.



## اَڀياس

**س. ۱ خالن ۾ مناسب جواب چونڊي لکو.**

(الف) پيئڻ جو پاڻي .................... ۾ صاف ڪبو آهي.

(۱) کوهہ (۲) پاڻي صاف ڪرڻ جو مرڪز

(۳) پاڻيءَ جي ٽانڪي (۴) ڪارخانو

(آ) ڳوٺ ۾ علاج ................ ۾ ٿيندو آهي.

(۱) گرام پنچائت (۲) بئنڪ

(۳) بنيادي صحت مرڪز (۴) اِسڪوُل

(اِ) قدرتي وسيلن جو اِستعمال اسانکي .................... ڪرڻ گهرجي.

(۱) مرضيءَ مطابق (۲) ڀرپور

(۳) ڪڏهن ڪڏهن (۴) سنڀالي



**س. ۲ هيٺيان بيان سبب ڏيئي لکو.**

(۱) ديش ۾ ڪڏھن ڪڏھن ڪاڏي جي اَڻاٺ ٿي سگھي ٿي.

(۲) اِسانجي پسند تي روڪ لڳائڻ گھرجي.

(۳) پاڻيءَ کي ”جيون“ چئبو آھي.

**س. ۳ هيٺ ڪي بيان ڏنل آھن. اُنھن مان فائدا لکو.**

(۱) ڪاڏو اَجايو نہ وڃائڻ هرڪنھنجي جوابداري آھي.

(۲) سيني کي محفوظ اَجھو ملڻ گھرجي.

(۳) سيني جي صحت سُٺي هئڻ ضروري آھي.

(۴) سماج ۾ سيني کي تعليم ملڻ گھرجي.

**س. ۴ هيٺيون خيالي چترپورو ڪريو..**




**س. ۵ هيٺين حالتن ۾ توھان ڇا ڪندا؟**

(۱) شادي وواھہ ۾ ماڻھو ڪاڏو زيان ڪن ٿا.

(۲) ڊِويانگہ ماڻھو رستو پار ڪري رھيو آھي.

(۳) پاڙي ۾ رھندڙ رميش اِسڪوُل ۾ روز نہ ويندو آھي.

(۴) ڪويتا هميشھ ٺڏا پيئہ پسند سان پيئندي آھي.

**س. ۶ اَنترراشٽريہ ’يوڳا ڏينھن“ توھانجي اِسڪوُل ۾ ڪيئن ملھايو ويندو آھي؟ اِھو ٻڌايو.**

### مشغوليِ

- اَلڳ اَلڳ مندن ۾ کھڙا کپڙا پائبا آھن اُنھن جا چترگڏ ڪري نالا لکو.
- دِويانگ ماڻھن کي سرڪار طرفان کھڙيون سھوليتون ملنديون آھن اِھو پالکن جي مدد سان لکو.
- راشٽر ۽ اَنترراشٽر چتاپيتن ۾ دِويانگ رانديگرن جون کيل ڪارڪردگيءَ جي جاڻ اِنٽرنيٽ جي مدد سان حاصل ڪيو.



٢١ جون اَنترراشٽريہ يوگ ڏينھن

***



# ٦. آبي تعليم





ٽيپو ٽيپو پاڻيءَ جو
زمين ۾ اَچو سمايوُن
پاڻي آهي اَصلي ملڪيت
سبق علميت جو سِکوُن.

آب مطلب پاڻي. آبي تعليم يعني پاڻيءَ جي اَهميت سمجهڻ. پاڻيءَ جي بچت ڪرڻ. زمين هيٺان هوندڙ پاڻيءَ جي سنوت وڌائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ.

سنت گيانيشور 'گيانيشوري' گرنٿ ۾ پاڻيءَ جي اَهميت ٻڌائيندي چيو آهي،



سنت گيانيشور

"नगरे चि रचावी। जलाशये निर्मावी।
महावने लावावी। नानाविधे॥"

اِنجي معنيٰ آهي نگروسائڻ وقت آبي ينڊار ٺاهجن. وڻ لڳائجن، جنهن سان نگرن ۾ پاڻيءَ جو مسئلو پيدا نہ ٿيندو.

اَسانکي زنده رهڻ لاءِ پاڻي گهرجي. پاڻيءَ جو مکيہ وسيلو مينهن آهي. مينهن هرهنڌ ساڳيو نٿو پوي. مينهن ڪٿي گهٽ ڪٿي وڌيڪ پوي ٿو. گهٽ مينهن سبب ڪٿي ٻوڏ تہ ڪٿي مينهن نہ پوڻ سبب ڏڪار ٿئي ٿو. پاڻي سيني کي ملي ان لاءِ پاڻيءَ جي رٿا ٺاهڻي پوندي آهي.

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

لاتور شهر ۾ هڪ دفعي پاڻيءَ جي گهٽ اَڻاٺ پئدا ٿي. اُن وقت سرڪار طرفان گاڏين وسيلي پاڻي پهچائي رسد ڪئي ويئي.

ڀارت ۾ هر سال مينهن پوڻ جو هڪ مقرر مُدو هوندو اهي. اُن کي اَسان چؤماسو چوندا آهيون. مينهن جو پاڻي روڪي واهپي ۾ آڻڻ لاءِ، سانديي رکڻ لاءِ نديءَ تي ٻنڌ ٻڌبا آهن. ٻنڌ جي پاڻيءَ کي صاف ڪري نلڪن ذريعي ماڻهن تائين پهچائبو آهي.

## ٻڌايو ڏسان!

* پاڻيءَ جي بچت توهان ڪيئن ڪندا آهيو؟

ڀارت ۾ پراچين وقت کان آبي بندوبست کي اَهميت ڏنل آهي. سنڌو سنسڪرتيءَ ۾ گهر جي اڱڻ ۾ کوهه هئا. اُن وسيلي پيئڻ جو پاڻي ملندو هو. اَڳتي هلي گوتم ٻُڌ جي زماني ۾ ڀڪشن جي رهڻ لاءِ ڪيترا ئي کوهه کوٽايا ويا. سفر ۾ ڪجهه وقت آرام لاءِ چؤماسي ۾ ڪي ڏينهن رهڻ لاءِ غفائن جو اِستعمال ٿيندو هو. اُتي مينهن جو پاڻي سانڍيندا هئا. اُنکي ’پاڻي پوڙهي‘‘ به چوندا آهن. مهاراشٽر ۾ جُنر ويجهو ڪوٽيل کوهن ۾ اَهڙيون پاڻ پوڙهيون ڏسجن ٿيون. سمراٽ اَشوڪ به کوهه کوٽايا هئا ۽ ياترين لاءِ پاڻيءَ جي سهوليت ڪئي هئي.



شونيري قلعي تي پاڻيءَ جو وهڪرو



ساتارا ضلعي جي ماڻ تعلقي ۾ شکر شنگڻاپور هنڌ آهي. اُتي شنڀو مهاديو جو مندر هوندڙ ٽڪر تي پاڻيءَ جي سهوليت نہ هئي. ڇترپتي شواجي مهاراج جي ڏاڏي مالوجيراجي ڀوسلي اُتي هڪ وڏو تلاءُ ٺهرايو.

شکر شنگڻاپور جو شو تيرٿ تلاءُ



گنگاساگر تلاءُ - رائيگڙهہ قلعو

’گڙوار آڏي آڏڪ پاهوُن قلعا بانڌاوا‘ ائين ڇترپتي شواجي مهاراج چيو هو. معنيٰ جتي پيئڻ جو پاڻي ملي سگهندو اُتي ئي قلعو ٻڌجي. ڇترپتي شواجي مهاراج رائيگڙهہ تي پاڻيءَ لاءِ ننڍا - وڏا تلاوکوٽايا. مينهن جو پاڻي اُنهن تلاون ۾ جمع ٿيندو اَهڙو بندوبست ڪرايو. آبي پندارن جي صفائي رکجي ۽ پاڻي سنڀالي واپرائجي ائين بہ چيو.

پڻيہ شلوڪ اَهليابائي هولڪرکوهہ کوٽايا، تلاو ٺهرايا. اُن سان سڀني لاءِ پاڻيءَ جي سهوليت ٿي. جل مندر ٺهرائي پاڻيءَ جي سهوليت ڪئي. مثال اِگتپوري جي توپ باوڙي، جيجوريءَ جو ملهارگوتميشور تلاو وغيرهہ.



اِڱتپوريءَ جي ٽوپ باوڙي



جيجوريءَ جو گوٽميشور تلاءُ




**زميني پاڻي بچاءُ :** گهرن جي ڇپرن، عمارتن جي ڇتن، ڀهاڙي چوٽين ۽ زمين تي مينهن پوندو آهي. اِهو اَجايو نہ وڃائي خاص طريقي ٽانڪين ۾ گڏ ڪبو آهي يا زمين ۾ جذب ڪڏا ناهي اُن ۾ سمائبو آهي. اُن سبب زمين جي پاڻيءَ جي سنوت وڌندي آهي. پاڻيءَ سان کوهہ ڀرجن ٿا. زمين ۾ آلاڻ ٽڪي ٿي. پسگردائيءَ جو ميزان ٺٽيو رهي ٿو. وڻ پوکڻ ۽ وڌائڻ سبب زمين جي ڪاڏ رُڪجي ٿي، وڻن جي پاڙن وسيلي پاڻي زمين ۾ سِمي ٿو.



## چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

’ونرائي‘ شيواداري سنسٿا اَڳوڻي ڪيندر منتري موهن ڌاريا پُڻي ۾ اسٿاپت ڪئي آهي. ان سنسٿا ذريعي ونرائي ٻنڌ اَڏيو ويندو آهي. اِهو ٻنڌ گهٽ خرچ ۾ اَڏيو ويندو آهي. وهڪري يا ناليءَ ۾ پاڻي بيهاري زمين جي پاڻي جي سنوت وڌائڻ ۾ مدد ملندي آهي. کيتي ۽ پيئڻ جي پاڻيءَ لاءِ اُن جو اِستعمال ٿيندو آهي.



**پاڻيءَ جي بچت :** ڌرتيءَ تي مٺي پاڻيءَ جا وسيلا محدوُد آهن. مينهن هرهنڌ هڪجيترو نٿو پوي. اِن جو اَنداز هرهنڌ گهٽ - وڌيڪ آهي. آدمشماري وڌي رهي آهي. اِن سبب پاڻيءَ جي گهرج بہ وڌي رهي آهي. اِن ڪري پاڻيءَ جو واهپو ڪسر سان ڪرڻ گهرجي. اِن سان گڏ مٺي پاڻيءَ جا وسيلا صاف رکڻ، آبي غلاظت روڪڻ ضروري آهي.

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

**پاڻيءَ جو وري واهپو وقت جي ضرورت :** ساتارا ضلعي جي جڪاتواڙيءَ ۾ صفائيءَ گهرن مان ٻاهر نڪرندڙ پاڻي ڇاڻي ۽ صاف ڪري اُٽان جي ميون باغن، ڀاڄي باغن ۽ صفائيءَ لاءِ وري واپرايو ويندو اهي. اِن سبب پاڻيءَ جو وري وري واهپو ڪري سگهجي ٿو. پاڻيءَ جي وري واهپي جي ترتيب شهرن ۾ وڌيڪ ڏسجي ٿي.

## ويچار ڪريو.

توهانجي گهر ۾ واپرايل پاڻيءَ جو ورِي اِستعمال ڪيئن ڪندا؟

**پاڻي بچائڻ لاءِ سُٺيون عادتون :**

- ضرورت جيترو پاڻي ئي اِستعمال ڪرڻ گهرجي.
- نل وهندو نہ رکجي. ٽپڪندڙ نل درست ڪرائجي.

جل شڌ ڪرڻ يعني پاڻي صاف ڪرڻ. جدا جدا سببن ڪري پاڻي غليظ ٿئي ٿو. يعني ان ۾ نقصانڪار جزا ملن ٿا. غليظ پاڻي شخصي يا ڪيتيءَ لاءِ واپرايو تہ صحت لاءِ هاڃي تي سگهي ٿو. اِن ڪري پاڻي صاف ڪرڻ ضروري هوندو آهي.



پاڻي غلِيظ ٿيڻ جا سبب

## ويچار ڪريو.

* پاڻي غليظ ٿيڻ جا ڪهڙا سبب آهن؟
* پاڻي صاف ڪرڻ جا ڪهڙا طريقا آهن؟


ڊا. راجيندر سنگهه

**واٽرمن آف انڊيا :** (ڀارت جو جل پرش) راجستان جي مارواڙ ڀاڱي ۾ مينهن ورلي ئي پوندو آهي. ماڻهن جي روز جي ڪم لاءِ، کيتيءَ لاءِ پاڻي نہ ملندو هو. ڊا. راجيندر سنگهه اُن ڀاڱي ۾ ننڍي ڳوٺ ۾ ويو. هن پاڻيءَ لاءِ ٽڪنڊ ڏٺو هو. اُن تي اُپاو طور هن ’جوهڙ‘ ٻڌڻ شروع ڪيو. جوهڙ يعني متيءَ جو بند. اُن بند ۾ مينهن جو پاڻي روڪيو. جتي جتي جوهڙ ٺاهيا ويا اُهو پاڻيءَ جي سطح وڌي ويئي. اِن ڪم سبب هُو اَڄ ”واٽرمن آف انڊيا“ طور سڃاتو وڃڻ لڳو.


انا هزاري

مهاراشٽر راڄيہ ۾ اَهليانگر ضلعي ۾ راڙي گڻ سڌي ڳوٺ ۾ انا هزاري ۽ هوري بازار ڳوٺ ۾ پوپٽراو پوار ڳوٺ ۾ پاڻيءَ جي سنوت وڌي اِن لاءِ چڱيون ڪوششون ڪيون آهن.


پوپٽراو پوار

### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

* ١٠ مئي مهاراشٽر ۾ ’آبي بچاءَ ڏينهن‘ طور ملهايو ويندو آهي. پاڻي ساهوارن لاءِ اهم جزو آهي. اِن ڪري آبي بچاءَ ۽ آبي واڌارو سيني جي جوابداري آهي. ’آبي پڙهيل‘ تي پاڻيءَ جي بچت ڪجي.

## اَڀياس

س. ١ سبب ڏيئي لکو.

(١) نديءَ تي بند ٻڌبا آهن.

(٢) لاتور شهر کي ريل گاڏيءَ سان پاڻيءَ جي رسد ڪرڻي پيئي.

(٣) ڇترپتي شواجي مهاراج رائگڙهه تي پاڻيءَ جو بندوبست ڪيو.

(٤) ڊا. راجيندر سنگهه جوهڙ ٻڌيا.

س. ٢  هيٺين سوالن جا ٻن ٽن جملن ۾ جواب لکو.

(١) توهانجي آس پاس پاڻي غليظ ٿي ويو آهي. اِن بابت پالڪن سان ڳالهه ٻولهه ڪري اُپاءَ لکو.

(٢) ڊا. راجيندرسنگهه کي ’واٽرمئن آف انڊيا‘ ڇو چوندا آهن؟




س. ٣  پاسي وارو چترڏسي هيٺين سوالن جا جواب لکو.

(١) چتر ۾ ڏنل ليبل موجب باٽل ۾ ڪيترو پاڻي ماپي ٿو؟

(٢) اِن باٽل جي قيمت ڪيترا روپيا آهي؟

س. ٤  آبي بچاءَ بابت هيٺيون ٽڪرپڙهو ۽ اِن جي هيٺان ڏنل سوالن جا جواب لکو.

آبي بچاءُ : گهرن جي ڇپرن، عمارتن جي ڇتن، پهاڙي چوٽين ۽ زمين تي مينهن پوندو آهي. اُهو اَجايو نه وڃائي خاص طريقي ٿانڪين ۾ گڏ ڪبو آهي يا زمين ۾ جذب ڪرڏا ٿاهي اُن ۾ سمائبو آهي. اِن سبب زمين جي پاڻيءَ جي سنوت وڌندي آهي. کوهه ڀرجي ويندا آهن. زمين ۾ آلاڻ ٽڪي ٿي. پسگردائيءَ جو ميزان قائم رهي ٿو. وڻ پوکڻ ۽ وڻ وڌائڻ سبب زمين جي کاڌ رڪجي ٿي، وڻن جي پاڙن سبب پاڻي زمين ۾ رڪجي ٿي.

(١) مينهن ڪٿي پوندو آهي؟

(٢) زمين ۾ پاڻيءَ جي سنوت ڪيئن وڌندي آهي؟

(٣) مينهن جو پاڻي زمين ۾ سمائڻ لاءِ ڇا ڪبو آهي؟

(٤) مٿئين ٽڪري تي آڌارت ٻه نعرا ٺاهي لکو.

## مشغوليِ




- ڊاڪٽر بابا صاحب اَمبيڊڪرپاڻيءَ جي مسئلن تي ڪيل ڪم بابت ڄاڻ ماسترن جي مدد سان گڏ ڪريو.
- ’جل يکت شِوار يوجنا‘ ۽ ’هر گهر جل‘ رٿائن جي ڄاڻ مائٽن جي مدد سان گڏ ڪري انهن جا تُوري ۾ فائدا لکو.
- ’مينهن پوڻ‘ ڪيئن ماپبو آهي. اُن جو ساڌن ماسترن جي مدد سان ڏسو.
- مهاراشٽرجي بندن جا چترگڏ ڪري ڪاپيءَ ۾ چيڪايو.

***



# ۰۷ ڀارتيہ رواج ۽ سڀيتنڪ علحدگي



**هيٺئين چتر ۾ توهانکي اَسان جي ديش جي ڪهڙي علحدگي ڏسجي ٿي؟**



### علحدگيءَ ۾ ايڪتا

اسانجو ڀارت ديش جدا جدا سڀيتائن سان سينگاريل سهڻو ديش آهي. اَسانجي ديش کي هزارين ورهين جو اِتهاس آهي.

ڀارت جون جدا جدا ٻوليون، ساهتيہ، ڪلائون، ڏڻ وار، ڌرم اِهي سڀ ڀارتيہ سڀيتا جا جزا آهن. ڀارت جي جدا جدا ڀاڱن ۾ رهندڙ اَسان سڀ ماڻهو ڀارتيہ آهيون.

سڀيتا معنيٰ ڇا؟

سڀيتا معنيٰ سماج جو خاص جيون طريقو. اِن ۾ سماج جي ڀاشا، پوشاڪ، کاڌو پيتو، ڌرم، پوڄا طريقو، ڪلا - هنر، ساهتيہ، ڏڻ - وار وغيره جزا شامل هوندا آهن.

### ڏڻ - وار:

ڀارت جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ڪيترائي ڏڻ وار ملهايا ويندا آهن. انهن مان گهڻا ڏڻ وار کيتي ۽ مندن سان جڙيل آهن. کيتي اَسانجي ديش ۾ مکيہ ڌنڌو آهي. اِن ڪري اَسانجي ديش کي ’ذرعي ديش‘ چوندا آهن.



ڀارت جا اَلڳ اَلڳ ڏڻ - وار



بيل پولو ڏڻ

بيل پولو ڀارتيہ سڀيتا جو هڪ اَهم ڏڻ آهي. اِن ڏڻ ۾ ڏڳن جي پوڄا ڪبي آهي. ڪسان کي کيتي ۾ ٻين ڪمن ۾ پڻ ڏڳن جي مدد ملندي آهي.

مهاراشٽر ڪانسواءِ ڀارت ديش ۾ مڌيہ پرديش، ڇتيسڳڙهہ، ڪرناٽڪ، تيلنگانا، آنڌرپرديش، تمل نادوُ وغيرهہ راجين ۾ بہ بيل پولو ملهائيندا آهن. هرهڪ راجيہ ۾ اِهو ڏڻ اَلڳ اَلڳ نالن، طريقن ۾ اَلڳ اَلڳ ڏينهن تي ملهائيندا آهن.

مهاراشٽر۾ اِهو ڏڻ 'بيل پولو' نالي سُڃاتو ويندو آهي. مرانواڙا ۾ سانوڻ مهني جي اُماس تي اِهو ڏڻ ملهائيندا آهن. اولهہ مهاراشٽر۾ بدي مهني جي اُماس تي اِهو ڏڻ ملهائيندا آهن. ناگپور جهڙن ڪجهہ هنڌن تي 'وڏو پولو' ۽ ٻئي ڏينهن 'ننڍو پولو' ائين بہ ڏينهن اهو ڏڻ ملهائيندا آهن. ڇتيسڳڙهہ ۽ مڌيہ پرديش ۾ 'پولو'، ڪرناٽڪ ۾ 'بيندوُر' يا 'پيندبي'، تيلنگانا ۽ آنڌرپرديش ۾ 'اَروُ واڪ پورڻما'، تمل نادوُ ۾ 'مٽو پونگل' اهڙن جدا جدا نالن سان اهو ڏڻ ديش ۾ ملهائبو آهي. اُتر ۽ اولهہ ڀارت ۾ ڪِن هنڌن تي ان وارکي 'گوورڌن' يا 'گوڌن' بہ چوندا آهن.



## چاڻي وٺون.

بيل پولو ڏڻ



- مهاراشٽر - بيل پولو / وڏو پولو / ننڍو پولو
- ڇتيسڳڙهہ / مڌيہ پرديش - پولو
- ڪرناٽڪ - بيندوُر / پيندبي
- اُتر ۽ اولهہ ڀارت - گوورڌن / گوڌن
- تيلنگانا ۽ آنڌرپرديش - اَروُ واڪ پورڻما
- تمل نادو - مٽو پونگل

اِن ڏڻ تي گهر ۾ مالهائون ٻڌي در سامهون رنگولي ڪيندا آهن. ٻيلن کي سنان ڪرائي صاف ڪبو آهي، اُنهن کي رنگيو ويندو آهي. سندن ڀنين تي نقش واري چادر پائيندا آهن. سڱن تي گُل لڳائيندا آهن. مٿي تي مُڪٽ ۽ ڏوري، ڳچيءَ ۾ ڪوڏين ۽ گهنگهرن جي مالها پائيندا آهن. ٻئنڊ وڄائي ٻيلن جي شوڀا ياترا ڪيندا آهن. گهر جي سامهون سندن آرتي ڪبي آهي. پوڄا ڪري پورڻ پوڙيءَ جو ڀوڳ لڳائبو آهي. اُن ڏينهن ٻيلن کان ڪم نہ ورتو ويندو آهي.

**جدا جدا ڌرم ۽ اُنهن جا ڏڻ - وار**

| ڌرم | ڏڻ - وار |
|---|---|
| هندو | ڏياري، گڻيش اُتسو، دسهڙو |
| ٻوڌ | ................................ |
| جين | مهاوير جينتي، پريوشڻ پرو |
| اِسلام | ................................ |
| عيسائي | ناتال يا ڪرسمس |
| پارسي | ................................ |
| سِکہ | گرونانڪ جينتي |

ڏينا سڄائي ملهائي ويندڙ 'ڏياري' ڀارت جو هڪ وڏو ڏڻ - وار آهي. ڏياري ڪٽنب جي گڏجاڻي ۽ هرهنڌ خوشيءَ جو جشن آهي. گڻيش اُتسو ۽ دسهڙو بہ هندن جا وڏا ڏڻ آهن.

ٻوڌي ڌرمين جو 'ٻڌ پورڻما' ڏڻ اَهم آهي ۽ جين ڌرمين لاءِ 'مهاوير جينتي' ۽ 'پريوشڻ پرو' اَهم آهي. 'عيد-اَل-فتر' يعني رمضان عيد اِسلام ڌرمين لاءِ وڏو ڏڻ آهي. 'ناتال' يا 'ڪرسمس' عيسائي ڌرمين جو ڏڻ آهي. پارسي ڌرمين جو 'نوروز'، سِکہ ڌرمين لاءِ 'گرونانڪ جينتي' ڏڻ - وار آهن. ڏڻ - وار ڪنهن بہ ڌرم جا هجن سڀ ڀارتي انهن ۾ خوشيءَ سان ڀهرو وٺندا آهن. هڪٻئي کي واڌايون ڏيندا آهن.

آزاديءَ جو ڏينهن ۽ پرجاوادي ڏينهن اِهي راشٽريہ ڏڻ سڀ ناگرڪ وڏي اُتساهہ سان ملهائيندا آهن.

ڏڻ - وارن تي ماڻهو گڏ ٿين ٿا. اُنهن ۾ ايڪتا اَچي ٿي. ڏڻن ۾ گانا، ناچ، رنگولي، رانديون، چٽاڀيٽيءَ جي ريلپيل رهي ٿي. اِن ڪري ڪلائن جو آنند بہ ماڻي سگهجي ٿو. ڀارت جي جدا جدا ڀاڱن ۾ ڳوٺن ۾ جترا / ياترا لڳن ٿيون. مڪاني ڳوٺ ديوتا جي ڏڻن تي ڳوٺ کان ٻاهرويل ڳوٺاڻا گڏ ٿين ٿا.

## کاڌي ۾ علحدگي

ڀارت جي اَلڳ اَلڳ ايراضين ۾ رهندڙ ماڻهن جي کاڌي ۾ علحدگي ڏسجي ٿي، آبهوا، فصل ۾ تفاوت اِن علحدگيءَ جو سبب آهي. پنجابي ماڻهن جي کاڌي ۾ گهڻي ڀاڱي دال - روٽي هوندي آهي. ڪناري واري ايراضين جا ماڻهو چانور - مڇي کائيندا آهن. سڀئي نموني ڪن راڄين جا خاص کاڌا مشهور آهن. مثال مهاراشٽر جي پورڻ پوڙي، ڏکڻ ڀارت جي اِڊلي سانبر وغيره.

## پوشاڪ ۾ علحدگي



ڀارت جي جدا جدا ڀاڱن ۾ رهندڙ ماڻهن جي پوشاڪ علحدي آهي. ڪشمير ۽ پنجاب جون عورتون سلوار - ڪُرتو ۽ رئو پائينديون آهن. راجستان جون عورتون رنگبرنگي گهاگهرو - چولي ۽ چُنري پائينديون آهن. ناگالئنڊ، مزورم ۽ اُتر اوڀر راڄين جي ڀهاڙي علائقن ۾ عورتون گوڏن تائين جهٻلا پائينديون آهن. ڀارت ۾ عورتن جي پوشاڪ ۾ ساڙهي مشهور آهي.

مردن جي پوشاڪ ۾ بہ علحدگي ڏسجي ٿي. ڪي پئجامو پائيندا آهن. ڪي ڌوتي پهريندا آهن، ڪي لُنگي تہ ڪي پئنٽ پائيندا آهن. شرٽ، ڪرتو، جهٻلو، سدرو، جئڪيٽ يا ڪوٽ پهريندا آهن. ڪي مٿي تي پڳڙيون پائيندا آهن، ڪي ڦيٽا ٻڌندا آهن تہ ڪي ٽوپي پهريندا آهن. اَلڳ اَلڳ راڄين ۾ ڦيٽن ۽ ٽوپين جا گهڻيئي قسم ڏسجن ٿا. اَڄ جي زماني ۾ روايتي پوشاڪ سان گڏ ماڻهو جدا جدا قسمن جا ڪپڙا پهريندا آهن.

### رانديون

ڀارت ۾ اَنيڪ قسمن جون رانديون کيڏيون وينديون آهن. لگوري، ڏٽي ڏڪر، وانجهين، ڪستي، ڪبڏي ۽ ڦڱڙي اِهي سڀ روايتي رانديون اَڄ بہ مشهور آهن. ملگانب راند سان شرير چست،

مضبوط بڻجي ٿو ۽ من جو ڌيان وڌي ٿو. شطرنج دماغي ورزش جي راند ڀارت ۾ پراچين زمان کان کيڏي ويندي آهي.

اَسانجي جيون ۾ راندين کي اَهم اِستان آهي. راندين سبب ايڪتا، سهڪارگڻ وڌن ٿا. اڳواني گُڻ بہ وڌي ٿو. راند ۾ کٽڻ - هارڻ کان ضد ۽ اُتساهہ اَهم آهي. راندين جا نيم هوندا آهن. نيم سڀني کي پالڻا پوندا آهن.



## چا توهانکي ڄاڻ آهي؟

ڪبڏي، ان ڀارتيہ راند کي هاڻي دنيا جي مڃتا ملي آهي. ڍاڪا ۾ ٿيل دنيوي سطح جي ڪبڏي چئاپيئنشپ ۾ ڀارت جي عؤرت ٽيم کٽي ويئِي.



دنيا ۾ کٽندڙ ڀارتيہ ڪبڏي عؤرت ٽيم ٢٠٢٥



## چا توهانکي ڄاڻ آهي؟



ڪاشابا جاڌو

- ڪاشابا جاڌو ستارا جو رهاڪو هو. هوُ ڀارتي فري اِستائيل ڪُستي پهلوان هو. هن ١٩٥٢ جي هيلنسڪي آلمپڪ ۾ ڪانسيہ (Bronze) جو ميڊل کٽيو. آزاد ڀارت ۾ آلمپڪ ميڊل کٽندڙ هوُ پهريون ڀارتيہ هو.



ڪونيروُ همپي

- ڪونيروُ همپي آنڌرپرديش جي رهندڙ آهي. هوُءَ ڀارت جي سڀ کان گهٽ عمر جي عؤرت گرئنڊ ماسٽربڻي. هن شطرنج راند ۾ ماهريت حاصل ڪئِي.



دِويا ديشمکہ

- دِويا ديشمکہ ١٩ سالن جي ناگپور جي رهاڪوُ آهي. هوُءَ شطرنج کيڏندي آهي. هن ٢٠٢٥ ۾ عؤرت شطرنج جو دنيا جو ميڊل کٽيو. دِويا ديشمکہ ايشيا وجيتا ميڊل، دنيوي جونير وجيتا پد چئاپيئنشپ، جوان شطرنج وجيتا پد چئاپيئنشپ ۾ ميڊل کٽيا.

## لوڪ ڪلائُون

لوڪ ڪلائُون اَسانجو سپيتڪ ورثو آهي. ڪلائن وسيلي اَسانکي آنند ملي ٿو. اَسانکي لوڪ تعليم ملي ٿي ۽ سپيتا جو جتن ٿئي ٿو.

راشٽر سنت گاڙگي بابا پنهنجي ڪيرتن وسيلي ماڻهن جي دماغ تي تعليم ۽ صفائيءَ جي اَهميت جو عڪس چٽيندا هئا. لوڪ شاعر اَڻا ڀائو ساٺي، شاعر اَمر شيخ ۽ د.نا گواڻڪر پنهنجي شاعريءَ وسيلي عام سُڄاڳي آندي.

سنتن ماڻهن کي برابريءَ جو پيغام ڏنو. هنن ماڻهن کي ديا، اَهنسا، ڀلائي، شيوا، برابري، برادري ڀاو وغيره گُڻ جي سکيا ڏني. شري چڪرڌر سوامي، سنت نامديو، سنت گيانيشور، سنت ايڪناٿ، سنت تڪارام، سنت مڪتا ٻائي، سنت جناٻائي، سنت سويراٻائي، سنت ڪانهوپاترا، سنت ٻهڻاٻائي شئورڪر پنهنجن ڪيرتنن، اَڀنگ ۽ ڀاروڙي وسيلي ماڻهن ۾ سڄاڳي آندي.

پنجاب جو ڀانگڙا، ڪرناٽڪ جو يڪشن گان، گوئا جو گوڙي موڙٽي ناچ، ناگالئنڊ ۽ ميگهاليہ جو بانبوُ ناچ، گجرات جو گربا ۽ ڊانڊيا. راجستان جو گهوُمر ناچ، آسام جو بهو ناچ، مهاراشٽر جو لاوڻي ناچ. اِهي ڪلائُون انهن راڄين جون خاص سُڃاڻپون آهن. جدا جدا راڄين ۾ چتر ڪلا، مورتي ڪلا، عمارت سازي وغيره جا بہ اَلڳہ اَلڳہ قسم آهن.

## مهاراشٽر جون اَلڳہ اَلڳہ لوڪ ڪلائُون



ڀڄن، ڪيرتن



دشاوتار



پوواڙا



لاوڻي



ڪوڙي ناچ



تماشا



گونڌز



ڀاروڙ



ناگالئنڊ / ميگهاليہ
بانبوُ ناچ



گوئا - گوري موڙٽي ناچ



ڪرناٽڪ - يڪش گان



پنجاب - ڀانگڙا



مهاراشٽر - لاوڻي



آسام - بِهوُ



راجستان - گهوُمر



گجرات - گربا ۽ دانڊيا

## اَلڳ اَلڳ راجين جا ناچ

اَسانجي ديش ۾ ڪلائون، ڪاڌا، ٻوليون، پوشاڪون، ڏڻ - وار رواجن ۾ علحدگي آهي. ائين هوندي بہ علحدگيءَ ۾ ايڪتا اَسانجي ديش جي خاصيت آهي.

## اَڀياس

س. ١ هيٺيون عام خيالي چٽرپورو ڪريو.

سڀيتا معنيٰ ڇا؟

- ڀاشا
- ..............
- ..............
- ..............
- ..............
- ..............
- ..............
- ..............

س. ٢ راڄيہ جي سامهون اُتان جو ڏڻ - وار لکو.

| راڄيہ | ڏڻ - وار |
|---|---|
| (١) مهاراشٽر | ---------------- |
| (٢) آنڌرپرديش | ---------------- |
| (٣) تمل ناڊُو | ---------------- |
| (۴) ڪيرل | ---------------- |

س. ٣ هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.

| راڄيہ | پوشاڪ | کاڌو |
|---|---|---|
| پنجاب | ---------------- ---------------- | ---------------- ---------------- |
| ---------------- ---------------- | ---------------- ---------------- | پورڻ پوڙي |
| راجستان | ---------------- ---------------- | ---------------- ---------------- |

س. ۴ مهاراشٽر۾ ڪهڙيون رانديون ڪيڏيون وينديون آهن؟

(١) ----------------

(٢) ----------------

(٣) ----------------

(۴) ----------------

## مشغوُلِي

- گهرجي وڏن جي مدد سان توهانجي ڳوٺ / شهرجي آس پاس جدا جدا لوڪ ڪلائن، پوشاڪن، کاڌن، رانديـن جي چترن وسيلي ڄاڻ حاصل ڪريو.
- مهاراشٽرجي جدا جدا لوڪ ڪلائن بابت ويڊيو اِنٽرنيٽ جي مدد سان ڳولهيو.

***



# ٨. رابطو





ٻارو مٿيون چترجاچيو. توهان جا ڏٺل يا واپريل آمدرفت جا وسيلاڳولهيو ۽ چترجي ويجهو چؤڪُنڊي ۾ ✓ نشان ڪريو.

- ڌرتيءَ تي گهڻو مفاصلي تي وڃڻ لاءِ واپرائجندڙ وسيلو سڃاڻو. اُن جي پاسي وارو چؤڪنڊي ۾ ○ نشان ڪريو.
- ٻچيل وسيلا توهان ڪڏهن، ڪٿي ڏٺا آهن چا؟ اُهي ڪهڙي وقت ۾ واپرايا ويا هوندا؟ اُن بابت پنهنجي دوستن، ماسترن سان ڳالهه ٻولهه ڪريو.

مٿين مشغُوليءَ مان توهانکي سمجهه ۾ ايندو تہ اَڳہ اَڳہ وقتن تي اَسان آمدرفت جا جدا جدا وسيلا واپرايا آهن. اَسان هاڻي جيڪي وسيلا واپرايون ٿا اُهي پهرين جي آمدرفت جي وسيلن کان وڌيڪ تيز ۽ محفوظ آهن.

## آمدرفت



آمدرفت ڪيئن ٿيندي آهي اِهو اَسين سمجهُون.

پراچين زماني ۾ ماڻهو جانورن جو واهڻ طؤر اِستعمال ڪندو هو. پوءِ ڦيٿي جي ايجاد ٿي. پوءِ ڦيٿي واري گاڏي ڇِڪڻ لاءِ ڪو جانور اُن ۾ لڳايو ويندو هو. اَڄ بہ ڪن هنڌن تي جانورن وسيلي ڇِڪجندڙ واريون گاڏيون واپرايون وينديون آهن.



ٽيڪنيڪ جو واڌارو ٿيڻ تي جانورن جي جڳهہ مشينين ورتي. واهڻ سبب سفر سؤلو، سهُوليت ڀريو ۽ تيز ٿيو.



### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟



هاور ڪرافٽ - پاڻي ۽ زمين تي هلندڙ واهڻ



### ڪري ڏسو.

**آمدرفت ۽ رابطي جا رستا**

- زمين جا رستا
  - روڊ رستا
  - ريلوي رستا
- آبي رستا
  - اَندريان
  - ساموندي
- هوائي رستا
  - ديش اَندر هوائي رستا
  - اَنترراشٽريہ هوائي رستا

------ ------ ------- ------ ------- ---------

------ ------ ------- ------ ------- ---------

------ ------ ------- ------ ------- ---------

------ ------ ------- ------ ------- ---------

هيٺ ڏنل واهڻن جا نالا مٿي ڏنل مناسب خالن ۾ لکو.

بس، ٽرين، ڪار، هيليڪاپٽر، فيري بوٽ، رڪشا، هوائي جهاز، ٻيڙي، سائيڪل، ميٽرو، مال گاڏي، جهاز

## هيٺين مشغولي پوري ڪريو.

سگنل تي ڏنل رنگين لائيٽ جو مطلب لکو.



(١) ----------------------------------------

----------------------------------------

(٢) ----------------------------------------

----------------------------------------

(٣) ----------------------------------------

----------------------------------------

## رستي تي هوندڙ نشان ۽ اِشارا ۽ اُنهن جي معنيٰ جا جوڙا ملايو.

| گروھ 'اَلف' | گروھ 'ب' |
|---|---|
|  | هتي واهڻ نہ بيهاريو |
|  | هارن نہ وڄايو |
|  | رفتار گهٽائيندڙ |
|  | ڪامگار ڪم ڪن ٿا |
|  | اَڳتي اِسڪول آهي |

## مال جي آمدرفت

شيون، مال يا ڪجهہ مال هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائڻ جي ڪريا يعني مال جي آمدرفت. وڏي سامان ڪان وٺي ڪانچ جي نازڪ سامان تائين شين جي آمدرفت ٿيندي آهي. اِها گهرج موجب ٽرڪ، ريلوي، جهاز يا هوائي جهاز وسيلي ٿيندي آهي. مال ڍوئيندڙ ريل گاڏيءَ کي 'مال گاڏي' چوندا آهن.

وڏن شهرن ۾ پاڻي، گئس وغيره شيون پائيپن ذريعي پڻ پهچايون وينديون آهن.



## پالڪن جي مدد سان ڄاڻون.

☐ جنهن واهڻ کي ڪنهن به جلائو پدارٿ جي ضرورت نه آهي اُهو ڪهڙو واهڻ آهي؟

☐ ڄابلو ڀاڱن ۾ مسافريءَ لاءِ ڪهڙن جانورن جو اِستعمال ٿيندو آهي؟



جتي رستا اَڏڻ ڏکيو هوندو آهي اُتي روپ-وي واپرائيندا آهن. جيئن ڄابلو ۽ اَٽانگن هنڌن يا ڪاٽين ۾ روپ-وي جو اِستعمال ڪندا آهن. مثال رائيگڙهه روپ-وي




جديد زماني جا اَليڪٽرڪ (EV) واهڻ



ميٽرو



اَڳي ماڻهو مسافريءَ لاءِ پالڪي يا ڏوليءَ جو اِستعمال ڪندا هئا.



### ويچار ڪريو.

توهانکي چندرپور جو تاڙوبا واگهه محفوظ ٻيلو ڏسڻ وڃڻو آهي. توهان اُتي ٻه ڏينهن رهندا. ان مسافريءَ لاءِ توهان تياري ڪيئن ڪندا؟

- مسافريءَ لاءِ ڪڏهن نڪرندا؟ ..............................
- مسافريءَ جو وسيلو ..............................
- مسافريءَ ۾ لڳندڙ وقت ..............................
- مسافريءَ لاءِ گهربل سامان ..............................
- واٽ تي اَهم جڳهيون ..............................

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟



- ١٦ اَپريل ١٨٥٣ تي ڀارت جي پهرين ريل گاڏي ممبئيءَ کان ٿاڻي تائين هلي. اُها ڪوئلي تي هلندڙ هئي.
- ڀارت جي پهرين ميٽرو ڪولڪاتا ۾ شروع ٿي.
- ٻوڏ جهڙي حالت ۾ ٻئي ڪنهن آمدرفت جي وسيلي سان رابطو ممڪن نه هجي ته پئراڇوٽ وسيلي رابطو ڪري سگهبو آهي. پئراڇوٽ وسيلي زندگيءَ لاءِ ضروري شيون پهچائي سگهبيون آهن.

## نياپا پهچائڻ

ڄاڻ ۽ نياپن جي ڏي-وٺ يعني 'نياپا پهچائڻ'

## ويچار ڪريو.

توهانجو دوست ٻي شهر ۾ رهندو آهي ۽ سندس جنم ڏينهن تي هنکي واڌايون ڏيڻون آهن، ته هيٺين مان ڪهڙو چارو توهان کي سؤلو آهي؟

- ترت هنجي گهر وڃڻ.
- هنکي پوسٽ وسيلي خط يا سوکڙي ڪارڊ موڪلڻ.
- ٽيليفون وسيلي هن سان رابطو ڪرڻ.
- موبائيل تي هن کي واڌايون ڏيڻ.
- اِي-ميل ڪرڻ.
- ڪبوتر جي پيرن ۾ چٺي ٻڌي ڪبوتر موڪلڻ.

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

اَڳي ڪبوتر ذريعي نياپا موڪليندا هئا. ان لاءِ ڪبوترپالي اُنهن کي سکيا ڏيندا هئا. اَڳي راجا جا عيوضي گهوڙي يا اُٺ وسيلي نياپو پهچائيندا هئا. اُهو تڪليف ۽ جوکم جو ڪم هو. پوءِ وري پوسٽ جي شيوا شروع ٿي.

**پوسٽ :** پوسٽ وسيلي اَسان سڄي ديش ۽ پرڏيهه ۾ به خط، شيون موڪلي سگهون ٿا. اَهم خط جلدي پهچائڻ لاءِ 'اِسپيڊ پوسٽ' شيوا واپرائبي آهي. ديش - پرڏيهن ۾ شيون پهچائڻ لاءِ بس، گاڏي، جهاز ۽ هوائي جهاز وغيره جو اِستعمال ٿيندو آهي.

توهان ڪڏهن پوسٽ آفيس ۾ ويا آهيو ڇا؟ اُتي ڇا ڏٺو؟

**ٽيليفون :** ٽيليفون جي ايجاد سبب دنيا ۾ وڏو اِنقلاب آيو. پري هوندڙ سان سؤلائيءَ سان رابطو ٿيڻ لڳو. دنيا ويجهو آئي. اُنجو جديد روُپ يعني موبائيل فون.


ڊرون

**نياپن جي ڏي-وٺ ۾ ڇاپ ڦهلاءَ جا ٻيا وسيلا :**

ريڊيو، ٽي-وِي، مخزن، اخبارون اِنهن ذريعي نياپا پهچائبا آهن. جدا جدا قسمن جي ڇاپ ڏني ويندي آهي.



## ڇا توهانکي ڇاڻ آهي؟



برسا مُنڊا

- پوسٽ جون ٽڪيٽون اَسانکي گهڻي ڇاڻ ڏينديون آهن. اُنهن تي اِهم واقعن ۽ شخصن جا چٽر ڇپيل هوندا آهن. مثال برسا مُنڊا اِهو مهان ڪرانتيڪاري هو. هن آزادي جي لڙائيءَ ۾ بهرو ورتو هو. اُن جي هڪ ٽڪيٽ.
- ڪي ماڻهو پوسٽ جون ڏيهي - پرڏيهي ٽڪيٽون گڏ ڪندا آهن.
- ڪن خاص جلسن تي پوسٽ طرفان خاص ٽڪيٽون ۽ پاڪيٽ ڇپيا ويندا آهن.
- ڀارت جي پهرين پوسٽ آفيس ١٧٧۴ ۾ ڪولڪاتا ۾ شروع ٿي.
- ڀارت جي پهرين ناگرڪ هوائي آمدرفت ڪمپني ٽاٽا ايئرلائين ممبئيءَ ۾ سنہ ١٩٣٢ ۾ ٻريا ٿي. سڄي دنيا ۾ نياپن جي ڏي-وٺ لاءِ اُپگرهه اِستعمال ٿيندا آهن.


اُپگرهه



### ڳولهيو ڏسان.

- ٽيليفون جي اِيجاد ڪنهن ڪئي؟
- ڪمپيوٽر جي اِيجاد ڪنهن ڪئي؟



## اَڀياس

س. ١ نالا لکو.

(الف) رستي تي هلندڙ واهڻ ----------------------------------------

(آ) آبي رستي هلندڙ واهڻ ----------------------------------------

(اِ) ريلوي تي هلندڙ واهڻ ----------------------------------------

(اِي) هوائي رستي هلندڙ واهڻ ----------------------------------------

س. ٢ عام خيالي چترپورو ڪريو.




س. ٣ مناسب جواب چؤڏاري گول ڪريو.

(١) مال ڪٽي ويندڙ گاڏي - (ميٽرو، مال گاڏي، لوڪل ٽرين)

(٢) اڳئانگن ايراضين ۾ ڪاٺين ۾ واپرجندڙ واهڻ قسم - (پالڪي، رڪشا، روپ-وي)

(٣) تڪڙو خط پهچائڻ جي سهوليت - (ٽپال، اِسپيڊ پوسٽ، ٽيليگرام)

(۴) پراڻي زماني ۾ نياپو پهچائڻ لاءِ ڪم ۾ ايندڙ پکي - (گروڙ، ڪبوتر، طوطو)

س. ۴ درسي ڪتاب جي شروعات ۾ (QR) ڪوڊ ۾ ڏنل مهاراشٽر جو سئر سفر نقشو سامهون رکي توهانجي گهر کان ڪنهن به وڻندڙ سئر جي جاءِ تي وڃڻو آهي.

(١) ڪهڙو واهڻ واپرائيندا؟

(٢) وات ۾ ڪهڙا شهر ايندا؟

(٣) اُتي مکيه طؤر ڇا ڏسڻ لاءِ ملندو؟

س. ۵ موبائيل فون بابت ڪلاس ۾ ڳالهه ٻولهه ڪريو. اُن جا فائدا ۽ نقصان لکو.

| فائدا | نقصان |
|---|---|
| ------------------------------------------ | ------------------------------------------ |
| ------------------------------------------ | ------------------------------------------ |
| ------------------------------------------ | ------------------------------------------ |

## مشغوليِ

- پراچين وقت ۾ آمدرفت لاءِ واپرجندڙ وسيلن جا چترهٿ ڪري ڪاپيءَ ۾ چيڪائي نالا لکو.
- عام ناگرڪن لاءِ آمدرفت انتظام ۾ دِويانگ ماڻهن لاءِ ڪهڙيون سهوليتون هونديون آهن؟ پالڪن جي مدد سان جاچ ڳڏ ڪري لکو.

***

# ٩. اِتهاسڪ عمارتون

جيون وديا مندر اِسڪوُل ۾ بينچماهي شروع ٿي. ماسترياڻي ڪلاس ۾ آئي. هن ٻارن کان پڇيو توهان موڪلن ۾ ڇا ڪيو؟ ڪيرڪير ٻئي شهر ويو هو اِهو بہ پڇيو. ڪن شاگردن هٿ مٿي ڪيا. ماسترياڻيءَ چيو، ”توهان جتي ويا اُتي غفائون، قلعا، واڙا، مهان شخصن جا جنم آستان، عجائب گهر، ٿنيا وغيرهہ اِتهاسڪ عمارتن جا فوٽو مونکي موبائيل تي موڪليو. ايندڙ هفتي سندن نمائش ڪنداسين.

## ويچار ڪريو.

**موڪلن ۾ توهان ڪهڙيون نيون مشغوُليون ڪري سگهندا؟**

ماسترياڻي ڪلاس ۾ آئي ۽ هن سڀني شاگردن کي اَکيون بند ڪرڻ لاءِ چيو. هن چيو، ڪير بہ اَکيون نہ کوليندو نہ لڪي ڇپي ڏسندو. ماسترياڻيءَ بورڊ تي ڪاغذ چپڪايو. شاگردن کي ڪاغذ چپڪائڻ جو آواز آيو. هدايت ملڻ تي هنن اَکيون کوليون. ڪين عجب ٿيو. شاگردن هڪ ڳڏ چيو، ”اَري واهہ“.

سامهون ٻن ٽن وڏن ڪاغذن تي شاگردن جا موڪلن ۾ ڏٺل عمارتون، شين جا فوٽو هئا. پنهنجا ڪڍيل فوٽو ڏسي شاگرد خوش ٿيا. ماسترياڻيءَ چيو، ”هاڻي هڪ هڪ ڪري پنهنجي ڪڍيل فوٽو جي ڄاڻ ڏيندا. پهريون ڄاڻ ڪير ڏيندو؟“

## ڪري ڏسو.

**توهانجي ڏٺل اِتهاسڪ هنڌن جي سئرجي فوٽن جا خاڪو ناهيو. خاڪن جو نماءُ ڪلاس ۾ ڪريو.**



چترپتي شواجي مهاراج جو جنم اِستان - شونيري قلعو

اُما هٿ مٿي ڪري چيو، ”دادي، مان ماتا پتا سان گڏ شونيري قلعي تي ويئي هئس. شواجي راجا جو جنم جنهن قلعي تي ٿيو، اُتي مونکي ماءُ پيءُ ڳالهہ ٻڌائي. غفا، پيئڻ جو پاڻي، شوائي ديويءَ جو مندر، لوڙهو، ڪڙي لوٽ هنڌ، برج ڏٺا. مان اِهو سئرڪڏهن بہ نہ وسرندس.



رامٽيڪ جو شري رام مندر



رامٽيڪ قلعو

اوتري ۾ ننڍو اُتي بيٺو. هن چيو، ”مان ودرڀ ۾ رامٽيڪ ويو هوس. رامٽيڪ ناگپور ضلعي ۾ هڪ شهر آهي. رامٽيڪ ۾ پريو شري رام جو مندر آهي. اُتي رام نوميءَ تي ياترا لڳندي آهي. مها ڪوي ڪاليداس ميگھدوُت مها ڪاويه اُتي ئي رچيو.“ رامٽيڪ ويجهو نندي وردن (نگرڌن) اِهو بوئيڪوٽ قلعو آهي. سڀ شاگرد جڳياسا سان ڏسن پيا.

ماسترياڻيءَ هڪ فوٽو ڏيکاري پڇيو، ”هن واڙي ۾ ڪير ويو آهي؟“ گارگيءَ هٿ مٿي ڪيو.



مهاتما قلي واڙا - کوهه

گارگي چوڻ لڳي، ”اَسان موڪلن ۾ پٽي ويا هئاسين پٽي ۾ مهاتما قلي ۽ ساوتري ٻائي قلي جو گهر ڏٺو. اُن گهر جي اڱڻ ۾ هڪ ننڍو کوهه آهي، اُن کوهه مان مهاتما قلي اُن وقت سڀني جاتي ڌرمن جي ماڻهن کي پاڻي ڀرڻ جي منظوري ڏني هئي. قلي واڙا مهاراشٽر سرڪار وٽي جو هنڌ طوّر ظاهر ڪيو آهي.

منهنجي ماءُ مونکي چيو، ”قلي زال - مڙس سبب اَسان سکيا آهيون.“ ماءُ مونکي سندن ٻالھ ٻڌائي. پوءِ اَسين سندن نالي واري ’ساوتري ٻائي قلي پٽي ودياپيٺ‘ ڏٺيسين. ودياپيٺ جو علائقو ڏسي تڪجي پياسين. عجائب گهر، باغ، پٽلا، تجربي خانا، لئبرري، زير زمين رستو سڀ ڪجهه ڏٺوسين.

اَڳتي اَسين سيناپتي باپٽ رستي تي هوندڙ ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر سنگرهاليه ڏسڻ وياسين. ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر ڪيترو نه اَپياس ڪيو ۽ ان سبب هوُ ڪيئن وڏا ٿيا اِهو مونکي مميءَ ٻڌايو.



ڀارت رتن پدڪ

هن سنگرهاليہ ۾ ڪين مليل ’ڀارت رتن‘ پدڪ رکيل آهي. هيءَ نئين ڄاڻ مونکي ملي. اُتان ويجهو هونڊڙ جتي اَسانجا درسي ڪتاب ٺهندا آهن اها ’ٻال ڀارتي‘ جي عمارت بہ ڏٺيسين.“

جعفر چيو، ”مان بلڍاڻا ويو هوس. اُتي ڇپون ڪرڻ سبب ٺهيل ’لونارڍنڍ‘ مان ڏٺي. مهنجي پاپا چيو هن ڍنڍ جو پاڻي پيئڻ لائق نہ آهي. مونکي عجب ٿيو. اَڇڻ وقت راڄ ماتا ڄجائوُ جو جنم اِستان سندکيڙ راڄا ڳوٺ ڏٺو.“



لونار ڍنڍ

فاتما چيو، ”مان ممبئي ويئي هئس. زندگيءَ ۾ پهريون دفعو سمنڊ ڏٺو. سمنڊ جي ڪناري تي ”گيٽ وي آف اِنڊيا‘ عمارت ڏٺي.“

اَمرتا چيو، ”مان ڪونڪڻ ويئي هئس. ’سنڌوُ دُرگ‘ نالي آبي قلعو ڏٺو. اُهو قلعو ڏسڻ لاءِ اَسانکي ٻيڙيءَ سان سمنڊ ۾ سفر ڪرڻو پيو. ٻيڙي لُڏي پيئي. مان پهريون دفعو پاڻيءَ ۾ قلعو ڏٺو. اُن قلعي ۾ مٺي پاڻيءَ جوکوھ آهي.



سنڌوُ دُرگ

اَڳتي اَسان روپ-وي وسيلي رائيڳڙهه وياسين. روپ-وي ڏٺو ۽ اُن ۾ ويناسين. ’رائيڳڙهه‘ وشال قلعو آهي. ان قلعي ۾ ڇترپتي شواجي مهاراج جو راڄ تلڪ ٿيو هو. سوراج جي راڄڌاني جو هي قلعو مونکي ڏاڍو وڻيو. ان قلعي ۾ ڇترپتي شواجي مهاراج جي سماڌي آهي.‘‘



قلعو رائيڳڙهه

## پڙهايو ڏسان!

- توهانجي ڏٺل اِتهاسڪ هنڌن جي ٽوري ۾ ڄاڻ پڙهايو.
- اِتهاسڪ هنڌن تي دؤرو ڪرڻ وقت ڪهڙي خبرداري وٺجي؟
- ’دنيا جي ورثي جي هنڌن‘ جي ياداشت ۾ شامل مهاراشٽر جي قلعن جي ڄاڻ پالڪن جي مدد سان هٿ ڪيو ۽ ڪلاس ۾ پڙهايو.

ماسترياڻيءَ چيو ’’ڏسو، ڪيترين ڳالهيون اَسان کي خبر پيون. جهونيون عمارتون ڏسڻ، اُنهن بابت ڄاڻڻ. اُنهن اِستانن جو دؤرو ڪرڻ يعني ورثو سفر. اَڄ اَسان فقط فوٽن ذريعي ورثو سفر ڪيو. اَهڙن اِتهاسڪ هنڌن تي اَنيڪ ورثو سفر آيوجت ڪيا ويندا آهن. سفرن سبب جهونين شين ۽ عمارتن جي گهٽي ڄاڻ ملندي آهي. اُتي اَسانکي ضرور وڃڻ گهرجي.

اَسان کي اِنهن اِستانن جي سنڀال ڪرڻ گهرجي. اِتهاسڪ عمارتن تي نالا نه لکڻ گهرجن. ڪچرو نه ڪرڻ گهرجي. پلاسٽڪ جون بوتلون نه ڦٽو ڪجن. اَسانکي پنهنجي ورثي جو جتن ڪرڻ گهرجي.‘‘

# اَڀياس

س. ١ عام خيالي چترپورو ڪريو.

(١) شونيري
- غفائون
- 
- 
- 
- 

(٢) سنڌو دُرگ
- آبي قلعو
- 
- 

(٣) رائيگڙهه
- شواجي راجا جو راج تلڪ
- 
- 
- 

س. ٢ مناسب جوڙا ملايو.

| ’اَلف‘ گروهه | | ’ب‘ گروهه | |
|---|---|---|---|
| (١) | رامٽيڪ مندر | (الف) | سنڌکيڙ راجا |
| (٢) | راج ماتا جڃاٻائي جنمِ استان | (آ) | سيناپتي باپٽ رستو، پٽي |
| (٣) | ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر سنگرهاليه | (اِ) | ناگپور |

س. ٣ مناسب جواب لکو.

(١) ساوتري ٻائي ڦلي جي نالي جي وديا پيٺ - ______

(٢) درسي ڪتاب نرمتي مرڪز - ______

س. ۴ هيٺيان بيان درست ڪري لکو.

(١) سنڌُودرگ جابلو قلعو آهي.

(٢) شونيري قلعي تي روپ-وي سان وڃڻو پوندو آهي.

س. ۵ ڪھڙي خبرداري وٺندا؟

| | اِتھاسڪ عمارتون | ڪچرو نہ ڪجي |
| --- | --- | --- |
| | | |

## مشغوليِ

- توھانجي آس پاس اِتھاسڪ عمارتن جو دؤرو ڪري چاڙ لکو.
- قلعن جا چترڳڊ ڪري ڪاپيءَ ۾ چپڪايو.
- مھاتما قلي بابت ڪشورمخزن جي ڳالھين بابت درسي ڪتاب جي شروعات ۾ ڏنل (QR) ڪوڊ وارا لفظ ڏسو.

***



# ١٠. ڪھاڻي : وِيرتا ۽ اِنقلاب جِي





| | | |
|---|---|---|
|  ساوتري ٻائي ڦلي |  مھاتما جوتيراو ڦلي |  ڇترپتي شواجي مھاراج |
|  پنڊتا رما ٻائي |  راجرشي شاھوُ مھاراج |  مھاراجا سياجيراو گائڪواڙ |
|  ڊا. پنجابراو ديشمکھ |  ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر |  مھرشي ڌونڊو ڪيشوَ ڪروي |



## ڪري ڏسو.

چترن جي مھان شخصيتن جي ڄاڻ اِنٽرنيٽ وسيلي ھٿ ڪريو. اِن لاءِ ڪرم وِيرڀائو راو پاٽيل جو مثال ھيٺ ڏنل آھي.




### ڪرم وِيرڀائو راو پاٽيل

’رعيت شڪشڻ سنستا‘ ڀارت جي جھوني ۽ وڏي پئماني تي ڪم ڪندڙ تعليمي سنستا آھي. ان سنستا جي برپا ڪندڙ ڪرم وِيرڀائو راو پاٽيل سيني جاتي ڌرمن جي شاگردن کي تعليم ڏيڻ لاءِ ڪوشش ڪيون. ھن شاگردن لاءِ ھاسٽل شروع ڪري ’ڪمايو ۽ سِکو‘ يوجنا شروع ڪئي.



ماسترياڻي ڪلاس ۾ آئي. سڀ شاگرد اُٿي بيٺا. ماسترياڻيءَ چيو، ”اَڄ مان توهانکي مهان شخصيتن بابت ٻڌائيندس. ماسترياڻي ٻڌائڻ لڳي -

## شريش ڪمار

انگريز سرڪار پارٽواسين تي اَنياءُ ڪندي هئي. اَنگريز سرڪار پارتواسين کي پيڙيندي هئي. پارتي جنتا اَنگريزن خلاف هلچل هلائي. ’ڪنداس يا مرنداس‘ نعرو هرهنڌ گونجڻ لڳو. ۱۹۴۲ ۾ مهاتما گانڌيءَ اَنگريزن کي چيو، ”هلي وڃو.“



شريش ڪمار

اَسانجي ديش ۾ اَنگريزن خلاف ماحول ۾ غصو هو. سڄي ديش ۾ هلچل شروع ٿي. اِسڪوُلي شاگرد بہ ان هلچل ۾ پنيان نہ هٽيا. ڪانديش جي نندربار جي شريش ڪمارهن ۱٦ ورهين جي شاگرد اَنگريزن خلاف جلوُس ڪڍڻ طيءِ ڪيو. هوُءَ هنجي سهڪارين ششيڌر، للداس، گهنشيام ۽ ڌنسُکلال اَنگريزن خلاف مورچو ڪڍيو. نندربار جي جهنڊا چؤنڪ ۾ اِسڪولي شاگرد اَڳيان هوندڙ اَهم جلوس شانتيءَ سان رستي تي هلي پيو. پوليس شريش ڪمار ۽ سندس دوستن کي جلوس ختم ڪرڻ جو حڪم ڏنو. شريش ڪمار ۽ سندس ساٿين حڪم نہ مڃيو. ۹ سيپٽمبر ۱۹۴۲ ۾ هن جلوس تي پوليس گوليبازي ڪئي. ان گوليبازيءَ ۾ اهي شاگرد اَسانجي ديش لاءِ شهيد ٿيا.

## ڳولهيو ڏسان.

اُستاد لهوُجي ساڙوي، راجگروُ ۽ ڪرانتي سنگهہ نانا پاٽيل جي ڪمن جي ڄاڻ ڏيندڙ ڪتاب ڳولهيو ۽ پڙهو.

شانتي گهوش، سنيتي چؤڌري



سُنيتِي چؤڌري



شانتي گهوش

اِها ڳالهہ آهي بنگال جي ٻن اِسڪوُلي شاگردائن شانتي گهوش ۽ سُنيتي چؤڌري جي. شانتيءَ جو پتا ديوندرناٿ پروفيسر هو. هن پنهنجي ڌيءُ تي ديش ڀڳتيءَ جا سنسڪار وڌا. اِسڪوُلي عمر جي شانتيءَ فقط ايترو ئي ڄاتو تہ اَنگريز اَسانجا دشمن آهن. اُنهنکي هارائي اَسانکي آزادي حاصل ڪرڻ گهرجي. ۱۹۳۱ ۾ ٻنهي کي نيتاجي سڀاش چندر بوس جو ڀاشڻ ٻڌڻ لاءِ مليو. اُهي اُتساهت ٿي پيون. شانتي گهوش پنهنجي ڪاپيءَ ۾ نيتاجي سڀاش چندر بوس جي صحي ورتي.

اَڳتي هلي هوُ 'يگانتر' اِنقلابي سنگهٽن ۾ ڪم ڪرڻ لڳيون. ان سمي ۾ بنگال جي ڪوملا ڀاڱي ۾ اَنگريز عملدار اِسٽيونس ڀارتواسين تي ظلم ڪري رهيو هو. جلوس ڪيندڙ ماڻهن تي لٺمار ڪري رهيو هو. ماڻهن جو مٿو ڦاٽڻ تائين ماريندو هو. اَسان هن جو ظلم سهن نہ ڪنداسين. هن ظالم اَنگريز عملدار کي سبق سيکارڻ جو فيصلو ٻنهي ورتو.

اِسٽيونس کي جان جو ڊپ هو. هن پنهنجي گهرئِي آفيس کولي رکي هئي. گهر ٻاهر پهرو رکيو هو. ناگرڪ هن سان نہ ملي سگهندا هئا. هن سان ملڻ جو نشچو هنن ٻنهي ڪيو. ٻنهي بندوق هلائڻ جِي سکيا ورتي. ٻئي بنا ڊپ جي اَسٽيونس جي گهر ويون. هوُ ٻنهي کي ملڻ لاءِ ٻاهر آيو. ڳالهائڻ پورو ٿيڻ تي سُنيتيءَ لڪايل بندوق ڪڍي، هُن کي گوليون هنيون. هوُ اُتي ئي ڪِرِي پيو. ٻنهي کي پڪڙيو ويو. کين جنم قيد ملي. اَڳتي ١٩٣٩ ۾ کين ڇڏيو ويو.



## چاڻي وٺون.

ع.س. ١٨١٨ ۾ اَنگريزن ڀارت ڪٺڻ ڪانپوءِ مهاراشٽر ۾ شروعاتي اِنقلابي اُماجي نائڪ اَنگريزن خلاف هلچل ڪڙي ڪئي. اُماجِي اَنگريزن خلاف وڙهڻ ۽ اُنهن جي طاقت اُٽائي ڇڏڻ لاءِ للڪاريو. پڻي، ساتارا، اهليا نگر (احمدنگر) وغيرهہ ڀاڱن ۾ سندس ڪم ڦهلجي ويو.

اَڳتي سندن ورثو اِنقلابي واسديو بلونت ڦڙڪي، چاپيڪر ڀائرن هلايو. چاپيڪر ڀائرن کان پريرڻا وٺي سواتنترويِرونايڪ دامودر ساورڪر آزاديءَ لاءِ هلچل هلائِي.



## چا توهانکي ڄاڻ آهي؟



بابوُ گينو سيد

پڻي ضلعي جي آنبي گاو تعلقي جي مهاڙنگي ڳوٺ جو باٻوُ گينو سيد هڪ جوان هو. هوُ ممبئيءَ جي ڪپڙي جي آڏاڻن ۾ ڪم ڪندو هو. ١٩٣٠ ۾ ممبئيءَ ۾ پرڏيهي مال تي بهشڪار هلچل شروع هئي. هن هلچل ۾ باٻوُ گينو اَڳرو هو. هڪ دفعي مال ڍوئيندڙ موٽر ۾ پرڏيهي ڪپڙا چوريءَ ڪٽي پيا وڃن. اُن وقت بابو گينو هٿ ۾ ترنگو جهنڊو ڪٽي اُن موٽر اَڳيان ليٽي پيو. موٽر هلائيندڙ گاڏي بابوُ گينو جي شرير تان هلائي ڇڏي. هُن ديش لاءِ شهادت قبول ڪئي.

## ڄاڻي وٺون.



جوڙجڪ سڀا جي اڌيڪش ڊا. راجيندر پرساد کي
ڀارتيہ جوڙجڪ جو مسودو سپرد ڪندي ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر

۹ ڊسمبر ۱۹۴٦ تي جوڙجڪ سمتيءَ جي اِستاپنا ڊا. راجيندر پرساد جي اَڳوانيءَ ۾ ٿي. ۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ تي ڀارت کي آزادي ملي. اُن ڪانپوءِ ۲۱ آگسٽ ۱۹۴۷ تي مسودا سمتي اِستاپت ٿي. ڊا. بابا صاحب آمبيڊڪر مسودا سمتيءَ جو اڌيڪش هو. سندن اَڳوانيءَ ۾ جوڙجڪ جو آخرين مسودو ۲٦ نومبر ۱۹۴۹ تي جوڙجڪ سمتيءَ کي سؤنپيو ويو. ۲٦ جنوري ۱۹۵۰ کان جوڙجڪ عمل ۾ آيو. اِن ڪري ۲٦ نومبر جو ڏينهن 'سنوڌان (جوڙجڪ) ڏينهن' ڪري ملهائبو آهي.

## اَڀياس

س. ۱ هيٺ ڏنل شخصن سان لاڳاپو رکندڙ جاين جا نالا ڏنگين ۾ ڏنل آهن. اُهي اُنهن نالن اَڳيان لکو.
(نندربار، ڪوملا، پٽي، مهاڙنگي)

(۱) بابوُگينو سيد ..................................
(۲) شريش ڪمار ..................................
(۳) اِستيونس ..................................
(۴) شروعاتي اِنقلابي اُماجي نائڪ ..................................

س. ٢ هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.

(١) شريش ڪمار اَنگريزن خلاف مورچي ۾ ڪير ڪير شامل ٿيا؟

(٢) شانتي گهوش ۽ سُنيتي چؤڌري ڪهڙي اِنقلابي سنگهٽن ۾ ڪم پيون ڪن ؟

(٣) رعيت شڪشڻ (تعليمي) سنستا ڪنهن برپا ڪئي؟

س. ٣ لکو ڏسان.

(١) گانڌي جيءَ جا اَنگريزن خلاف ڏنل نعرا -

(٢) شانتي گهوش تي ديش ڀڳتيءَ جا سنسڪار وجهندڙ -

(٣) چاپيڪر ڀائرن کان پريرڻا وٺي آزاديءَ جي هلچل کڙي ڪندڙ -

(۴) ڪرم ويرِ ڀائوراو پاٽيل جي شروع ڪيل يوجنا -

س. ۴ ٺالا لکو.

(١) ڊاڪٽر راجيندر پرساد جي اَڳوانيءَ ۾ اِسٿاپت ٿيل سمتي ..........................

(٢) مسودا سمتيءَ جو اڌيڪش ........................

س. ۵ هيٺين سوالن جا ٽن چئن جملن ۾ جواب لکو.

(١) شريش ڪمار

(٢) بابو گينو سيد

## مشغولي

- توهانجي اِسڪول ۾ ڪهڙن مهان شخصن جا فوٽو آهن اُنجي يادداشت ٺاهيو.
- ڀارت جي آزاديءَ جي هلچل ۾ ٻهرو ورتل اِسترين جي ڄاڻ گڏ ڪري يادداشت ٺاهيو.
- توهانجي ايراضيءَ جي مهان شخص جي جيون جو ڪو اُتساهه وڌائيندڙ واقعو چونڊي اُهو لکو. ممڪن هجي تہ هن شخص جو فوٽو چپڪايو.

***



# ١١. ماحول جو بچاءُ : مُنهنجي جوابداري





مهاتما گانڌي جينتي ملهائڻ لاءِ سڀ شاگرد ٢ آڪٽوبر تي ميدان ۾ حاضر هئا. هيڊ ماسترياڻيءَ جي هدايت موجب صفائي مهم شروع ٿي. ونيه صاف، سٿرا ڪپڙا پائي پهرين قطار ۾ بيٺو هو. ونيه ڪي ڪم بلڪل نه پڄي. هوُ پيٽ ڪي هٿ لڳائي پيٽ جي سوُر جو ناٽڪ ڪري پاسيرو وڃي بيٺو. هيڊ ماسترياڻيءِ ونيه جي صفايءَ ۾ بهرو نه وٺڻ جو سبب سُڃاتو. هن ونيه ڪي پنهنجي آفيس ۾ گهرائي پنهنجي پرم ۾ وهاريو. هن ڪي ڪي چترڪارڊ ڏيکاري سوال پڇيا. ونيه چترجاچڻ لڳو.

## ڪري ڏسو.

چترن جو مناسب سلسلو لڳايو.













## پڙهو ۽ ڏسان.

سڀ ماڻهو خوشيءَ سان فوٽ پاٿ تان ڇو وڃڻ لڳا؟

ونيه هيڊ ماسترياڻيءَ کان سوال پڇيو، ”صفائي معنيٰ ڇا، اِها ڇو ڪجي؟“

هيڊ ماسترياڻي چوڻ لڳي، ” صفائي يعني تندرست رهڻ لاءِ ۽ بيماري نہ وڌي اِن لاءِ ورتي ويندڙ خبرداري. اِن لاءِ پنهنجي، عام جڳهين جي ۽ ماحول جي صفائي رکڻ ضروري هوندو آهي. پنهنجي صفائيءَ سان گڏ گهر ۾ آس پاس جي صفائيءَ وقت ڪچرو مناسب جڳهہ تي وجهڻ، نيڪالي پاڻيءَ جي مناسب نيڪالي وغيرهہ ڳالهيون شامل آهن. اِن سان چوطرف صفائي ڏسجي ٿي. صفائيءَ سبب هرهنڌ آننددائي ۽ خوش مجاز ماحول هوندو آهي.“

## ويچار ڪريو ۽ پڙهو.

- شرير جي صفائي نيم سان نہ ڪئي تہ ڇا ٿيندو؟
- آس پاس ڪچرو ۽ بدبوءِ هوندي تہ ڇا ٿيندو؟
- اَسانجي گهر، اِسڪول، پاڙو، ڳوٺ، شهر جي صفائي ڪير ڪندو هوندو؟

ونيہ جي دماغ ۾ ڪيترائي سوال ڊوڙڻ لڳا. ونيہ ڳالهائڻ شروع ڪيو. ”اَسان ٢ آڪٽوبر تي مهاتما گانڌي جينتيءَ جي موقعي تي هر سال صفائي مهم هلائيندا آهيون پوءِ اُن کان اَڳ صفائيءَ کي اَهميت نہ هئي ڇا؟ صفائيءَ لاءِ ٻيو ڪنهن ڪم نہ ڪيو ڇا؟“ هيڊ ماسترياڻي صفائيءَ بابت چوڻ لڳي.

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

اَسانجي ڀارت ۾ صفائيءَ جي ريت تمام جهوني آهي. اَڳين ماڻهن کي بہ صفائي ضروري لڳندي هئي. هزارين سال اَڳ ڀارت ۾ موهن جو دڙو ۽ هڙپا جهڙا سهڻا شهر هئا. اُنهن آڳاٽي زماني جي شهرن ۾ سُٺا رستا، نيڪالي پاڻيءَ جو بندوبست ۽ عام لاءِ سنان گهر هئا. ماڻهو گهر، رستا ۽ پاڻيءَ جون جايون صاف رکندا هئا.

## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟


راشٽرسنت ڳاڙگي بابا

راشٽر سنت ڳاڙگي بابا جو جنم اَمراوتي ضلعي جي شيڻگاو ۾ ٿيو. سندن نالو ڊيبوجي جهنگراجي جانورڪر هو. هوُ سانده هڪ ٻوهارو رکندا هئا. لڱن تي ڦاٽل گودڙي ۽ هٿ ۾ هڪ مٽڪو. تنهن ڪري ماڻهو هن کي ”ڳاڙگي بابا“ چوندا هئا. هوُ جنهن ٻوٽ ۾ ويندا هئا اُهو ٻوٽ صاف ڪنداهئا. مهاراشٽر راڄيه ۾ ’سنت ڳاڙگي بابا گرام سوڇتا اَڀيان‘ هلايو ويندو آهي. اِن مهم ۾ صاف ۽ محفوُظ پيئڻ جو پاڻي، گهر جي، پنهنجي ۽ ماحول جي صفائي ۽ نيڪالي پاڻيءَ جو بندوبست، ڪچري جو بندوبست وغيره ڳالهين جي اُميد ڪيل آهي.

”صفائيءَ جي شروعات پنهنجي صفائيءَ کان ٿيندي آهي اُن سان گڏ ماحول ۽ عام جڳهين جي صفائي به اوتري ئي اَهم آهي. پنهنجي ۽ ماحول جي صفائي رکڻ جي جوابداري هرهڪ ماڻهوءَ جي آهي.“

ٻاهر سڀ شاگرد آس پاس جي ايراضي صاف ڪن پيا. ڪي شاگرد ميدان ۾ وڌيل گاهه ڪڍن پيا ته ڪي وڻن جا پن لڪڙيون گڏ ڪن پيا. اِهو ڏسي ونيه چيو، ”اَسانجي ميدان ۾ گهٽا وڻ آهن. وڏي وڻ مان پن ڇٽي ڪچرو ٿيندو آهي. اَسان اُن مان پاڻ ڻاهيندا آهيون.“

هيڊماسترياڻيءَ چيو، ”اَسان هر سال جون مهني ۾ وڻ لڳائيندا آهيون.“ ونيه چيو، ”دادي، وڻ لڳائڻ يعني ڇا؟“ وڻ لڳائڻ يعني نوان وڻ لڳائڻ. هن سال تو ڪٿي ۽ ڪيترا نوان وڻ لڳايا؟ ”مان گهر جي باغ ۾ به وڻ لڳايا.“

### ٻڌايو ڏسان.

- سڄو سال ساوا رهندڙ وڻ ڪهڙا آهن؟
- وڻ نه هجن ته ڇا ٿئي؟

### ڪري ڏسو.

- شرم ٻوٽي جي پنن کي ڏيري ڇهي ڏسو.
- هڪ ڪونڊيءَ ۾ ٻوٽو لڳايو. اونداهي ڪمري ۾ پاڻي نه وجهي رکو.

هيڊماسترياڻيءَ چيو، ”وڻن ۾ ساهه آهي. اُنهن کي زنده رهڻ لاءِ پاڻي، هوا ۽ سج جي روشنيءَ جي گهرج هوندي آهي. ڊا. جگديش چندر بوس هن ڀارت جي سائنسدان دنيا ۾ پهريون دفعو ثابت ڪري ڏيکاريو ته وڻن کي به ساهه هوندو آهي. اُنهن کي به اَحساس هوندو آهي. يعني ڪين خوشي ٿيندي آهي، ڏک ٿيندو آهي، ٿڌ - اُس محسوُس ٿيندي آهي ۽ ڪين ڇهاءُ به محسوُس ٿيندو آهي.“

اَسانکي نوان وڻ لڳائڻ گهرجن، وڏائڻ گهرجن. وڻ توڙڻ کي روڪڻ گهرجي. ڇو تہ وڻ اِسانکي گهڻو ڪجهہ ڏيندا آهن.



## ويچار ڪريو ۽ لکو.





وڻ اَسانکي ڇا ڏيندا آهن؟

-----------------------------------

-----------------------------------

-----------------------------------

اَسان وڻن کي ڇا ڏيندا آهيون؟

-----------------------------------

-----------------------------------

-----------------------------------



## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

- ڇپڪو آندولن ١٩٧٣ : جهنگل بچائڻ لاءِ آندولن. هماليہ جي ترائيءَ ۾ وڏي پئماني تي وڻ توڙيا ويڇا هئا. اُن جي مخالفت ۾ چنڊي پرساد ڀٽ ۽ سندرلعل بهوگُڻا آندولن ڪيو. وڻ نہ توڙيا وڃن اِن لاءِ عوّرتن وڻن کي ڀاڪرپائي اُنهن جو بچاءُ ڪيو.
- ٥ جون هرسال ’دنيا جو ماحول ڏينهن‘ ڪري ملهايو ويندو آهي.



## اَچو تہ ڄاڻون.

’ديورائي‘ يعني ڳوان جي نالي رکيل پوتر جهنگل. ديورائي قدرت طوّر ۽ سيينٽ طوّر اَهم آهن. علحدگي ٽڪائڻ لاءِ انهن جو جتن ڪرڻ ضروري آهي. اُتان جا وڻ توڙڻ لاءِ مناهي آهي.

اَهليانگر ضلعي جي سنگمنير جي پيمگري ضلعي جي آس پاس هڪ وڏو ٻڙ جو وڻ آهي. اُن وڻ کي ’مهاوت ورڪش‘ بہ چوندا آهن. مهاراشٽر راڄيہ جو اِهو سڀ کان وڏو وڻ آهي، اِئين چوندا آهن. لوڪ سمپاڳ وسيلي اِهو وڻ بچايو ويو آهي. سؤراج جي ڪلپنا ڪندڙ شهاجي راجي پيمگري قلعي تي سؤراج اِستاپنا جي ڪوشش ڪئي هئي.



مهاوت ورڪش پيمگري



سالُمردا ٿمڪا

**سالُمردا ٿمڪا :** هيءَ ڪرناٽڪ جي ماحولياتي ڪم ڪندڙ آهي. هن عمر جا سؤ سال پورا ڪيا. سالُمردا يعني وڻن جي قطار. هُن سڀ عمر وڻ لڳايا. هن شروعات ۾ ٣٨٥ وڻ لڳايا. اُنهن کي وڏائڻ ۾ ڌيان ڏنو. پوءِ هن پپل، اُمبر جهڙا هزارين وڻ لڳايا. هوءَ چوندي هئي وڻ اَسانجا ٻار آهن. ڀارت سرڪار هن کي وڻ لڳائڻ جي ڪم لاءِ 'پدم شري' سنمان ڏنو.



سنت تُڪارام

سنت تُڪارام اَينگ ۾ چيو آهي :

"वृक्षवल्ली आम्हा सोयरी वनचरे ।
पक्षीही सुस्वरे आळविती।।"

هيڊماسترياڻي ونيه سان ڳالهائيندي درجي چوٿين جي ڪلاس ۾ ويئي. اُتي درجي چوٿين جو ڪتاب کڻي ڪري اُن ۾ ڇترپتي شواجي مهاراج جو 'آگياپتر' ڏيکاري ونيه کي چيو، ''ڇترپتي شواجي مهاراج جي آگياپتر ۾ وڻ وڏائڻ لاءِ چيل آهي. وڻن سبب هوا شڌ رهندي آهي، زمين جي کاڌ رڪجندي آهي. غلاظت گهٽجندي آهي، برسات جو پاڻي رڪجندو آهي. اَسانکي ميوا، ڀاڄيون، دوائن لاءِ نباتات، لڪڙي وغيره ڳالهيون ملنديون آهن. اِن سان گڏ ساهوارن ۽ پکين کي گهر ملندو آهي. وڻ لڳائڻ ۽ وڻ وڏائڻ اِها هرهڪ ناگرڪ جي جوابداري آهي.''

اِهو سڀ ٻڌي ونيه چيو، ''مان صفائيءَ جو ڪم ڪرڻ ٽاريندو هوس، پر هاڻي مونکي صفائيءَ جي اَهميت سمجهه ۾ آئي آهي. وڻ لڳائڻ جا فائدا بہ سمجهه ۾ آيا. اَڄ کان مان شخصي صفائيءَ سان گڏ ماحول جي صفائي ۽ وڻ لڳائڻ جهڙن ڪمن ۾ هميشهہ اَڳرو رهندس.''



## اَڀياس

**س. ١ مناسب لفظ لکي جملا پورا ڪريو.**

(١) ٢ آڪٽوبر تي ........................ جي جينتي ملهائي ويندي آهي.

(٢) هزارين سال اَڳ ڀارت ۾ موهن جو دڙو ۽ ...................... جهڙا سهڻا شهر هئا.

(٣) راشٽر سنت گاڏگي بابا جو جنم اَمراوتي ضلعي جي .......................... ۾ ٿيو.

(٤) ڀارت سرڪار......................... کي وڻ لڳائڻ لاءِ پدم شري سنمان ڏنو.





# ١٢. راشٽريه ايڪتا



## واقعو ١

هڪ ڏينهن اَلڳ اَلڳ رنگ هڪ ٻئي سان وڙهڻ لڳا. ڳاڙهي رنگ چيو، ”مان ئي سڀ کان سٺو آهيان. منهنجو رنگ جسونتيءَ جهڙو اُپرندڙ سج جهڙو آهي.“ اَڇي رنگ چيو، ”نه مان ئي سٺو آهيان. منهنجو رنگ شانتيءَ جو اهي.“ سائي رنگ چيو، ”بلڪل نه! منهنجو رنگ وڻن جو آهي، پنن جو اهي. مون کان سواءِ ڌرتيءَ جو خيال نٿو ڪري سگهجي.“ نيري چيو، ”اَري واهه! پوءِ آسمان، سمنڊ کانسواءِ توهان دنيا جو خيال آڻي سگهو ٿا ڇا؟“

اينتري ۾ وهندڙ هير چيو، ”اَري وڙهو نه! اَسانجي ڀارت ديش جي قؤمي جهنڊي ۾ ڏسو، اَلڳ اَلڳ رنگ ڪيئن گڏ آهن. اُنهن مان ڪجهه سِکو. ڀارتي قؤمي جهنڊو اَسانجي ديش جي ايڪتا، آزاديءَ خود مختياريءَ جي نشاني آهي.

اَسانجي ديش جا جدا جدا نشان آهن. اُهي نشان اَسانجي ايڪتا جي پاونا جاڳائي رکڻ ۾ مدد ڪن ٿا. اَسانجي ديش جي ملهن جي اَسانکي ياد ڏيارين ٿا. قؤمي جهنڊي وانگر راشٽر ۾ ايڪتا جي نشاني آهي ’راشٽرگيت‘. ڀارت جو راشٽرگيت ’جن گڻ من‘ آهي. اَسان سڀ ڀلي اَلڳ اَلڳ ڀاشائون ڳالهائيندا آهيون ته به هيءُ گيت اَسان سيني کي ياد آهي. راشٽرگيت هلندي وقت سڀ ساوڌان جي حالت ۾ بيهي راشٽرگيت جو سنمان ڪن، اِهو سيني جو فرض آهي. ساڳئي نموني ’وندي ماترم‘ اَسان جو راشٽر گيت آهي.



### ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

ڀارت جي قومي جهنڊي جي رنگن جي مِعنيٰ ڳولهي لکو.

ڪيسري - ................................................................................

اَڇو - ................................................................................

سائو - ................................................................................

اَشوڪ چڪر - اِهو ترقيءَ رفتار جو اَهڃاڻ آهي. اِن ۾ چوويهه اَري آهن.

اَسانجي ڀارت ديش ۾ اَلڳ اَلڳ ماڻهو اَلڳ اَلڳ راڄين ۾ رهندا آهن. اَلڳ اَلڳ ٻوليون ڳالهائيندا آهن. اَلڳ اَلڳ پوشاڪون پهريندا آهن. اَلڳ اَلڳ ڏڻ-وار ملهائيندا آهن. اَسان سڀ هڪ آهيون، هڪ ديش جا ناگرڪ آهيون.







واقعو ٢

قؤمي ايڪتا بابت ماسترياڻيءَ چيو، ”ڪلاس ۾ آس پاس ڏسو. اَسان هڪ ٻئي کان اَلڳ اَلڳ ڏسجون ٿا ته به ڪلاس ۾ گڏ سِکون ٿا. کھاڻيون ٻڌايون ٿا، گيت ڳايون ٿا. ڪڏهن ڪڏهن اَسان هڪ ٻئي سان وڙهندا آهيون ته به اَسان پوءِ جهيڙا حل ڪندا آهيون. هڪ ٻئي جو خيال رکندا آهيون، هڪ ٻئي جي عزت ڪندا آهيون. هن ڪلاس وانگر ’علحدگيءَ سان سينگاريل‘ اَسانجو ڀارت ديش آهي. ائين اَلڳ اَلڳ هوندي به هڪ ديش ۾ گڏجي مسجي رهڻ، اَسان سڀني جي سڃاڻپ ’ڀارتي‘ هئڻ اِن کي ئي ’راشٽريه ايڪتا‘ چوندا آهن.



## پڙهو.

اَنيڪ عضون جو ٿيندو آهي هڪ ماڻهو
اَنيڪ رنگن جو ٿيندو آهي اِندلٺ
اَنيڪ رنگن سان سجندي آهي ڦلداڻي
اَنيڪ ڀاشائن ۾ چوندا آهيون اَسان گيت
اَنيڪ سڀيتائون، علحدا تيوهار، گهڻا اَسانجا ويس
اَنيڪ ماڻهو ملي ٺاهيندا آهيون اَسانجو ڀارت ديش



## ٻڌايو ڏسان.

واقعو ٣

سمجهو ته اِسڪوُل جو نئون سال شروع ٿيو آهي. توهانجي ڪلاس ۾ هڪ نئين شاگردا داخلا ورتي آهي. هنجي ماتريڀاشا بنگالي آهي. توهان هن سان ڪيئن ڳالهائيندا؟ هنجي مدد ڪيئن ڪندا؟ هنکي ڪلاس ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڇا ڪندا؟ ماسترجي مدد سان ڳالهه ٻولهه ڪريو.



## چتر رنگيو.

| قؤمي جهنڊو | قؤمي پکي |
| --- | --- |
|  |  |

| قؤمي گُل | قؤمي ميوو |
| --- | --- |
|  |  |



## ڳولهيو ڏسان.

راجيہ پکي، راجيہ ميوو، راجيہ جانور ۽ راجيہ گُل جي ڄاڻ اِنٽرنيٽ جي مدد سان ڳولهيو.

۱ مئي ۱۹٦۰ تي مهاراشٽر راجيہ وجود ۾ آيو. ۱ مئي ۽ اِهو ڏينهن مهاراشٽر ۾ راجيہ ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي. جيئن اَسانجي راجيہ جو راجيہ ڏينهن آهي تيئن راجيہ گيت، راجيہ پکي، راجيہ ميوو، راجيہ جانور ۽ راجيہ گُل وغيرھ آهن.

قؤمي ايڪتا لاءِ جيئن اَلڳ اَلڳ نشان ۽ اِشارا اَهم آهن، تيئن اَلڳ اَلڳ قؤمي ڏڻ بہ اَهم آهن. ۱۵ آگسٽ ۱۹۴۷ تي اَسانکي آزادي ملي، اِن ڪري ۱۵ آگسٽ جو ڏينهن اَسان ’آزاديءَ جو ڏينهن‘ ڪري ملهائيندا آهيون. ۲٦ جنوري ۱۹۵۰ کان جوڙجڪ لاڳو ٿيو، اِن ڪري ۲٦ جنوري جو ڏينهن اَسان ’پرجاوادي ڏينهن‘ ڪري ملهائيندا آهيون. اِهي سڀ ڏينهن اَسان گڏ ملهائيندا آهيون. اِنهن ڏينهن تي جدا جدا ڪاريہ ڪرم ٿيندا آهن.



## ڇا توهانکي ڄاڻ آهي؟

راڪيش شرما : ۱۹۸۴ ۾ راڪيش شرما ڀارت جو پهريون ’پولر ياتري‘ بڻيو. ڪيس اُن وقت جي پرڌان منتري اِندرا گانڌيءَ پڇيو، ’’پولر مان ڀارت ڪيئن ڏسجندو آهي؟‘‘ راڪيش شرما جواب ڏنو، ’’ساري جهان سي اَچا!‘‘

(درسي ڪتاب جي شروعات ۾ ڏنل (QR) ڪوڊ جي لنڪ وسيلي راڪيش شرما جو ويڊيو ڏسو)

## اَڀياس

**س. ١ هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

(١) ڀارت راشٽرم جهنڊي جو تورين بيان ڪريو.

(٢) ڀارت جي پهرئين پولرياتريء جو نالو ٻڌايو.

(٣) راشٽريہ گل ڪهڙو آهي؟

**س. ٢ مناسب جواب چونڊي لکو.**

(١) ترنگي جهنڊي تي چڪر- ..............................

(اَ) سُدرشن چڪر (آ) اَشوڪ چڪر (اِ) پرمويرچڪر (اِي) جل چڪر

(٢) ١٥ آگسٽ - ..............................

(اَ) آزاديء جو ڏينهن (آ) جوڙجڪ ڏينهن (اِ) مهاراشٽرڏينهن
(اِي) پرجاوادي ڏينهن

**س. ٣ جوڙا ملايو.**

| | 'الف' گروهہ | | 'ب' گروهہ |
|---|---|---|---|
| (١) | راشٽريہ پکي | (اَ) | جن گڻ من |
| (٢) | قوٓمي ميوو | (آ) | وندي ماترم |
| (٣) | راشٽريہ گيت | (اِ) | اَنب |
| (٤) | راشٽرگيت | (اِي) | مور |

**س. ٤ پنهنجي ماترڀاشا جو نالو ٻڌائي مهاراشٽرويجهو راڄين جي ڀاشائن جو نالو لکو.**

**س. ٥ درسي ڪتاب جي ڪورپيج جي چاچ ڪري ڀارت جي علحدگيء بابت ٻڌايو.**

### مشغولي

- راشٽريہ نشاني جي چاڙ هٿ ڪريوء اُنهن جا چترگڏ ڪريو.
- ديش ڀڳتيء جاگيت گڏ ڪريوء اُهي ڪاپيء ۾ چپڪايو.
- توهان جنهن ضلعي ۾ رهندا آهيو اُنجي آس پاس جي ٢-٣ ضلعن ۾ ڪهڙيون ٻوليون ڳالهائجن ٿيون اُنجي چاڙ اِنٽرنيٽ وسيلي حاصل ڪريو.

***





# ١٣. اَچو تہ ٻُڌون، ڳالهايون ۽ سمجهي وٺون






**چترن ۾ ڇا ٿو ڏسجي اهو ٻڌايو.**

- توهانجي اِسڪول ۾ جهنڊي سلامي ڪهڙين تاريخن تي ڪندا آهن؟
- توهان جهنڊي سلامي ءِ لاءِ ڪهڙي تياري ڪندا آهيو اُن بابت گروهہ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪريو.
- ڏهن روپين جو نوٽ ڪٽو، اُنجي چتر بابت ماءُ - پيءُ، ماسترن ۽ ٻين سان ڳالهايو.




شاگرد دوستو، ٻين جي، ماءُ پيءُ ۽ ماسترن جي ڳالهہ شانتيءَ سان ٻڌڻ گهرجي. اَسانکي پنهنجا ويچار مضبوطيءَ سان پيش ڪرڻ گهرجن. پنهنجا ويچار پيش ڪرڻ وقت ٻين جي راين جي بہ عزت ڪرڻ گهرجي. اُن مان اَسان جي اَڳواڻي گُڻن جو وڪاس ٿيندو آهي.



## اَچو تہ ٻُڌون ۽ ڳالهايون.

- راڄيہ گيت ٻُڌو ۽ سُرتال ۾ چئو.
- جهنڊي سلاميءَ جي ڪاريہ ڪرم ۾ توهان ڪهڙا نعرا ڏيندا آهيو؟
  هيئين موقعن تي توهان ڇا ڪندا؟
- توهانجو دوست بيمار آهي.
- دوست جي ڏاڏيءَ کي گهٽ نظر ايندو آهي. ڪيئن رستو پار ڪرڻو آهي.
- توهانجي گهر ۾ هڪ ياتي وري موبائيل ڏسي تو.

## اَچو تہ سمجهون.

### ايڪتا جي طاقت

### جهرڪيون ۽ شڪاري

ٻالڪ دوستو توهان هيءَ ڪهاڻي ٻُڌي آهي ڇا، نہ تہ ٻُڌو.

هڪ ڳهاٽي جهنگل ۾ هڪ وڏي ٻڙ جي وڻ تي گهڻيون جهرڪيون وهنديون هيون. اُن ٻڙ جي وڻ تي ڳاڙها ميوا لڳندا هئا. جهرڪيون اُهي کائينديون هيون. اُتي گهڻيون ئي جهرڪيون رهنديون هيون. اُنهن ۾ هڪ هوشيار ۽ آزمودگار جهرڪي هئي. اُها هميشه سڀني کي گڏ رهڻ لاءِ چوندي هئي.

هڪ ڏينهن جهنگل ۾ هڪ شڪاري آيو. هڪ هن هڪ ڏٺو تہ ٻڙ جي وڻ تي گهڻيون جهرڪيون آهن. هن اُنهن جهرڪين کي پڪڙڻ جو ويچار ڪيو. اُن لاءِ هن هڪ رٿا ناهي. اُن وڻ هيٺان جهرڪين لاءِ چڱا داڻا وڌا. اُنهن تي ڄار ڦهلائي پاسيرو ٿي جهرڪين جي واٽ ڏسڻ لڳو.

ڪجھ دير بعد جهرڪيون داڻو چڳڻ هيٺ آيون. اُهي داڻا چڳڻ ۾ مگن ٿي ويون ۽ اَڃاڻائيءَ ۾ شڪاريءَ جي ڦهلايل ڄار ۾ ڦاسي پيون.

اَڙي! هاڻي ڇا ڪجي؟ ڪين ڪجھ نہ پيو سُجهي. جهرڪين پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پر اُها اَجائي ويئي. اُهي ڏجي ويون ۽ هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳيون.

سندن ڪوشش جاري هئي پر ڪاميابي نہ پيئي ملي. آخر ۾ هوشيار جهرڪيءَ چيو، ”اَسان سڀ پنهنجي چهنب سان ڄار پڪڙي هڪ وقت اُڏانداسين“ اِها ڳالھ سڀني کي وڻي.

سڀني زور لڳايو ۽ ڄار کڻي سڀ جهرڪيون ساڳئي وقت آسمان ۾ اُڏامڻ لڳيون.

شڪاري عجب ۾ پئجي ويو، ڄار پڪڙڻ لاءِ سندن پٺيان ڊوڙڻ لڳو. پر جهرڪيون هنجي هٿ ۾ نہ آيون. هُوَ ڊوڙندي ڊوڙندي ڪِري پيو. جهرڪيون ڪجھ مفاصلي تي هوندڙ ڪوئي ياءُ وٽ ويون.

هنڪي مدد لاءِ سڏ ڪرڻ لڳيون. ڪوئو ياءُ ڪين ڏسي پنهنجن دوستن سان گڏ مدد لاءِ ڊوڙيو. ڪوئُن سڄو جارُ ڪُتري مصيبت ۾ ڦاٿل جهرڪين کي آزاد ڪيو. سڀ جهرڪين ڪوئن جي شڪرگذاري اَدا ڪئي.



## ٻڌايو ڏسان.

هن ڪهاڻيءَ مان اَسين ڇا سکياسين؟

## هيءُ چترماسترن جي مدد سان سمجهو.



ڪدريشور مندر جي مورتي

هيءُ چتر ڪولهاپور ويجهو ڪدريشور مندر جو آهي. ٻن هنسن هڪ ڪاٺي چهنب ۾ جهلي آهي. هڪ ڪُميءَ اُها ڪاٺي منهن ۾ پڪڙي آهي. اُن نسبت ڪهاڻي ٻڌائي سگهجي ٿي ڇا؟ ماستر - پالڪن جي مدد سان ڪهاڻي ٺاهيو.

ساڳي ڳالهه اَسان سان پڻ لاڳو ٿئي ٿي. اَسانجي ديش ۾ اَسان سڀ ڪان گڏ ايڪتا ۾ رهنداسين تہ ناممڪن ڳالهيون بہ اَسان سؤلائيءَ سان ۽ تڪڙو ڪري سگهنداسين، نہ ڇا؟



## چا توهانکي ڄاڻ آهي؟




١٩ ورهين کان گهٽ جي دنيا کٽندڙ عوَرت ڪرڪيٽ سنگهه




ڀارت عوَرت ورلڊ ڪپ ڪرڪيٽ جو چيمپين بڻيو.



دنيا جي نابين ورلڊ ڪپ ڪرڪيٽ چٽاڀيٽي - ڀارتيه مهيلا وڃيتا سنگهه

٢٠٢٥ ۾ دنيا جي سطح تي عوَرت ڪرڪيٽ ورلڊ ڪپ جي اَلڳ اَلڳ چٽاڀيٽين ۾ اُنهن سنگهن چمڪندڙ ڪم ڪري جيت حاصل ڪئي. اِهي ڳالهيون اَسانجي ديش جو شان وڌائن ٿيون. ڪرڪيٽ جهڙي ٽوليءَ واري راند ۾ ايڪتا سان ڪاميابي حاصل ڪري ديش جو ڳاٽ اوچو ڪري سگهجي ٿو. اُنجا مثال آهن. ان سان گڏ ڪرڪيٽ کيڏڻ وقت نابين عوَرتن جو ڪم به ساراهه جوڳو آهي.



## اَڀياس

**س. ١ هيٺين حالتن ۾ توهان ڇا ڪندا؟**

(١) پنهنجا ويچار پيش ڪرڻ وقت - ----------------------------------------

(٢) وڏا توهانکي سمجهائن ٿا - ----------------------------------------

(٣) اِسڪول ۾ راشٽرگيت هلڻ وقت - ----------------------------------------

(۴) بِسڪوٽ، چاڪليٽ کائڻ کانپوءِ ريپرس توهان وٽ آهن - --------------------------

(۵) توهان سان گڏ ڏِوياڱـ شخص هجي تہ - ----------------------------------

**س. ٢ پروارن چترن ۾ ڇا ٿو ڏسجي، اِن بابت پنهنجا رايا لکو.**




ڪچرو

(١) آلو ڪچرو، سُڪو ڪچرو انهن ڪچرن پيٽين جي آس پاس ڪچرو جمع ٿيل آهي.

----------------------------------------

----------------------------------------



وڻ لڳائڻ

(٢) ڇوڪرو وڻ لڳائي رهيو آهي.

----------------------------------------

----------------------------------------



ڏِوياڱـ شاگرد

(٣) ڏِوياڱـ شاگرد کي دوست وهيل چيئر وسيلي وٺي وڃن ٿا.

----------------------------------------

----------------------------------------

### مشغولِي

- پارٽي عوَرت راندِيگرن جون تصويرون جمع ڪري ڪاپيءَ ۾ چِپڪائي اُنهن جا نالا لکو.
- ايسپنيٽي ۾ پنچتنتر جون ڪهاڻيون پالڪن ۽ ماسترن وٽان ٻڌو، اُهي ڪلاس ۾ ٻڌايو.
- ملهه وڏائڻ مشغوليءَ ۾ توهانکي وڌيل هڪ واقعي جي ڄاڻ لکو.

***

نمستي ٻارو!

جيڪڏهن توهانکي ٺيڪ نٿو لڳي، توهانکي ڪنهن غلط ڇهاءُ ڪيو، تہ توهان چُپ ڪري نہ ويهو. توهان ڳالهايو.

١. پنهنجو پاڻ کي ڏوهہ نہ ڏيو.

٢. اُن کي ٻڌايو جنهن تي توهان کي وشواس آهي.

٣. توهان نئشنل ڪميشن فارپروٽيڪشن آف چائلڊ رائيٽس کي ٻڌائي سگهو ٿا POCSO جي e.box ذريعي.

جڏهن توهان کي ڪير غلط ڇُهاءُ ٿو ڪري ۽ توهانکي خراب ٿو لڳي،

توهان منجهي ٿا وَڃو ۽ ڪُجهہ نَٿا ڪري سگهو

توهانکي ”خراب“ نہ لڳڻ گُهرجي ڇو جو اُن ۾ توهانجي غلطي ڪونهي.




هيِ بَٽڻ ڏٻايو

**POCSO e-box available at NCPCR@gov.in**

جيڪڏهن توهان ١٨ سالن کان گهٽ عمر وارا آهيو ۽ توهان ڪنهن پريشانيءَ ۾ يا مُنجهيل

يا بَدِ سَلوُڪي يا تَڪليِف ۾ آهيو يا ٻيو ڪو ٻار............

فون ڪريو 1098 .... ڇو جو ڪجهہ نمبر سُٺا هوندا آهن!

اُهي زندگي بدلي ڇڏيندا آهن!!!




چائلڊ لائين 1098 - نئشنل ٢٤ ڪلاڪ ٽول فرِي

ضروري فون لائين ٻارن لاءِ جيڪي ٻار پريشان يا تڪليف ۾ آهن

چائلڊ لائين اِنڊيا فائونڊيشن سرڪار جي مدد سان

(منسٽري آف ومين اَئنڊ چائلڊ ڊويلپڊ) هلي رهيِ آهي.

نئين سماج ڏانهن

Towards a new dawn








مهاراشٽر راجيه پاٺيه پُستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

आपल्या सभोवतालचे जग भाग–२ इयत्ता तिसरी (सिंधी माध्यम)

₹ 65.00

